بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

۸

سِنڌي ڪتاب

استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، يونيورسٽي آف اوڪسفرڊ جو هڪ شعبو آهي.
جيڪو سڄي دنيا ۾ اشاعتن جي ذريعي تحقيق، علم و فضيلت ۽ تعليم ۾ اعليٰ معيار جي مقصدن جي واڌاري ۾
يونيورسٽيءَ سان سهڪار ڪري ٿو. Oxford برطانيہ ۽ ڪجھ ٻين ملڪن ۾
اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو ٽريڊ مارڪ آهي

پاڪستان ۾ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس
نمبر 38، سيڪٽر 15، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا،
پي او باڪس 8214، ڪراچي 74900، پاڪستان
مان شايع ڪيو

© اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس 2026ع

مصنف جي اخلاقي حقن تي زور ڏنو ويو آهي

پهريون اشاعت 2026ع

سمورا حق محفوظ آهن. اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس کان اڳواٽ لکت ۾ اجازت يا جنهن ريت
واضح طور تي قانون اجازت ڏئي ٿو. لائسنس يا ريپرو گرافڪس حقن جي اداري سان طئي ٿيل
مناسب شرطن کان سواءِ هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جو نقل، ڪنهن بہ قسم جو
ذخيرو نہ ٿو ڪري سگهجي، جتان ان کي ٻيهر حاصل ڪري سگهجي يا ڪنهن بہ صورت
۾ يا ڪنهن بہ وسيلي سان ان جو ٽيڪسٽ ڊيٽا مائيننگ يا هٿرادو ذهانت جي سڪيا جي لاءِ
استعمال يا منتقل نہ ٿو ڪري سگهجي . مٿي ڏنل صورتن کان سواءِ ٻيهر اشاعت خاطر معلومات
حاصل ڪرڻ لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اشاعتي حقن واري شعبي سان
مٿي ڏنل ائڊريس تي رابطو ڪريو.

توهان هي ڪتاب ڪنهن بہ ٻي صورت ۾ تقسيم نہ ڪري سگهو
۽ ڪنهن ٻئي حاصل ڪندڙ تي بہ لازمي طرح اهي ئي شرط وجهندا

ISBN 9786275226611

ايم بي ٽائي ستّار ۽ نوري نستعليق فونٽ ۾ ڪمپوز ڪئي وئي آهي

ٿورا

ليکڪ: گل محمد سومرو

تعارف

اوكسفرڊ يونيورسٽي پريس پاران ڪيترن ئي سالن کان سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو ڪاميابيءَ سان جاري آهي. درسي ڪتابن جي اشاعت سان گڏ هر نصابي ڪتاب جو "استادن لاءِ رهبر" استادن جي رهنمائيءَ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ان ٻوليءَ جي گرامر تي مهارت حاصل ڪرڻ لازمي آهي. "استادن لاءِ رهبر" ۾ گرامر جون اهي وصفون مثالن سان گڏ شامل ڪيون ويون آهن جن جي مدد سان استاد شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي بهتر سکيا فراهم ڪري سگهندا. ان ۾ هر سبق جو ليسن پلان، پڑهائڻ جا مختلف طريقا، شاگردن جي نفسيات کي سمجهڻ جا طريقا، گرامر جون وصفون مختلف حوالن، مثالن ۽ وضاحتن سان گڏ، حل ٿيل مشقون ۽ هر سبق جون مشقون، شاعرن ۽ ليکڪن جا تعارف، شاهه جو رسالو ۽ ان جي سُرن بابت معلومات سنڌي ۽ اُردُو ٻنهي ٻولين ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

"استادن لاءِ رهبر" ۾ سنڌي ٻوليءَ تي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اپياسي حوالي سان بنيادي طور تي صوتيات، نحويات، صرفيات ۽ معنيات جو خيال رکندي گرامر شامل ڪئي وئي آهي. گرامر ۾ زمان، ڳالهائڻ جا لفظ، واحد جمع ناهڻ جا اصول، مذڪر، مؤنث، لفظ، ضد، علم عروض ۽ علم بيان جي ڄاڻ پڻ رکي وئي آهي.

ڇهين درجي کان اَٺين درجي تائين "استادن لاءِ رهبر" پنهنجي علمي پورهئي، تجربن، مشاهدن ۽ قابليت جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي. ان ۾ معلوماتي، سماجي، ناصحاڻي، مزاحيه، ديني، تاريخي، تهذيبي ۽ سنڌ توڙي ملڪ جي نامور شخصيتن جي معلومات تي مشتمل معياري مواد وڏي عرق ريزيءَ سان شامل ڪيو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي ته "استادن لاءِ رهبر" جي اعليٰ معيار جو معلوماتي مواد مان استاد ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا ۽ ان جي مدد سان شاگردن جي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا کي وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارآمد بڻائي سگهندا.

(گل محمد سومرو)

فهرست

اسباق	عنوانات	سنڌي	اُردُو
١	حمد (نظم)	١	١٢٢
٢	سٺا اخلاق	٥	١٢٦
٣	نعت (نظم)	١٠	١٣١
٤	حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ	١٥	١٣٥
٥	علم حياتيات	١٩	١٣٨
٦	منهنجي پياري امڙ (غزل)	٢٣	١٤١
٧	سکر بئراج	٢٨	١٤٥
٨	ڪاميابيءَ جي ڪُنجي	٣١	١٤٨
٩	هاريءِ مزدور (نظم)	٣٥	١٥١
١٠	سيد ميران محمد شاه	٣٩	١٥٤
١١	مصنوعي ذهانت	٤٢	١٥٧
١٢	پورهيتن جو عالمي ڏينهن	٤٥	١٦٠
١٣	سنڌڙي وطن اسان جو (نظم)	٤٩	١٦٤
١٤	ٻه تہ ٻارهن	٥٣	١٦٧
١٥	ڪارونجهر جبل	٥٧	١٧٠
١٦	عمر مارئي (لوڪ ڪهاڻي)	٦٠	١٧٣
١٧	سُر سُريراڳ (بيت)	٦٤	١٧٧
١٨	بي مثال شاگرد	٦٧	١٨٠
١٩	سياڻو بادشاه	٧١	١٨٣
٢٠	پنهنجو پاڻ سُجاڻ (نظم)	٧٥	١٨٦
٢١	ٻوڏِ ان جا نقصان	٧٩	١٩٠
٢٢	علم ڪيميا	٨٣	١٩٣
٢٣	خطِ ان جا قاعدا	٨٧	١٩٦
٢٤	ڏيهَ جو ڏاتار تون (نظم)	٩١	١٩٩
٢٥	سنڌي ٻولي ۽ ادبي خوبيون	٩٥	٢٠٢
٢٦	ٻڌايون سُک جو ڪو سنسار (نظم)	١٠٤	٢١٠
٢٧	قدرتي آفتون	١٠٨	٢١٣
٢٨	مايا (نظم)	١١٢	٢١٦

سبق پهريون

حمد

سکيا جي حاصلات:

- پيغام ٻڌي ان جو تجزيو ڪري سگهي.
- معلومات کي بيان ڪري پنهنجو رد عمل ۾ تجزيو گفتگو ۾ شامل ڪري سگهي.
- هدايتون، حڪم ناما ۾ اعلان وغيره ٻڌي ۾ سمجهي ٻين کي ٻڌائي سگهي.
- عبارت ۾ ڏنل متشابه لفظن کي درست اُچارن ۾ رواني ۽ سان سمجهي پڙهي سگهي.
- شاهه عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ امن، سهپ، پيار ۾ رواداريءَ بابت ڏنل پيغام تي مضمون لکي سگهي.
- تشبيهَ ۾ استعاري ۾ فرق سمجهي جملا جوڙي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۾ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ ۾ آساني پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر لفظن کي مؤنث لفظن ۾ تبديل ڪري سگهي.
- شاهه جي رسالي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۱ – ۳
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم جي بلند خواني ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه جو پڻ خيال رکڻ گهرجي ته هو نظم سمجهي رهيا آهن يا نه. جنهن شاگرد جي توجه نظم طرف نه هجي ته ان کان پڙهايل بيت جو ڪو به آسان سوال پڇا ڪري سندس توجه پاڻ ڏانهن ڪرائي ويندي.

- نظم جي هر هڪ شعر جي سمجھاڻي آسان لفظن ۾ سمجھائي ويندي ۽ هر شعر جو حاصل مقصد پڻ سمجھايو ويندو.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙھايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراھ ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙھڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙھن، انھن جي ناصحاڻي انداز ۾ رھنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجھ سوال:

١. هي بيتَ "شاھ جو رسالو" جي ڪھڑي سُر مان ورتل آھن؟

جواب: سُر يمن ڪلياڻ

٢. شاھ جو رسالو ۾ ڪُل ڪيترا سُر آھن؟

جواب: شاھ جو رسالو ڪُل ٽيھَ (٣٠) سُر موجود آھن.

٣. شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي والد جو نالو ڇا آھي؟

جواب: شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي والد جو نالو شاھ حبيب آھي.

شاعر جو تعارف

سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ ١١٠٢ ھجري مطابق ١٦٩٠ عيسوي ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو سيد حبيب شاھ آھي. شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اھو سدا حيات شاعر آھي، جيڪو ڪنھن به تعارف جو محتاج نہ آھي. شاھ صاحب نہ صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ دنيا جو تمام وڏو عالم، شاعر، مدبر ۽ مفڪر ھو. سندس ڪلام، فڪر ۽ فن، زبان ۽ ادب جي ڪيترين ئي خوبين سان مالا مال آھي. سندس ڪلام جي ڪتاب جو نالو "شاھ جو رسالو" آھي. شاھ جو رسالو ۾ "ٽيھ سُر" آھن. شاھ صاحب جي ڪلام ۾ سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ تاريخ جو املھ خزانو توڙي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو عڪس موجود آھي. شاھ صاحب پنھنجي ڪلام ذريعي انسان ذات کي محبت، ڀائيچاري، امن، ايڪي، سِڪ، پريت، محنت، جدوجھد، ديانتداري، اعليٰ انساني ۽ اخلاقي قدرن جو پيغام ڏنو ۽ ڏاڍ، ڏھڪاءُ، ظلم، ناانصافي، ڪوڙ ڪُپت، دغا، دوکي، مڪر ۽ فريب جي مخالفت ڪئي آھي. سندس زندگي، اسلام جي اعليٰ اصولن ۽ قدرن جو نمونو رھي آھي. شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ سان زندگيءَ ۾ اڪثر تي ڪتاب گڏ ھوندا ھئا. انھن ڪتابن ۾ قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاھ ڪريم جي شاعريءَ جو ڪتاب شامل ھئا. شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ ١٤ صفر ١١٦٥ ھجري مطابق ١٧٥٢ عيسوي ۾ وفات ڪري ويو.

حل ٿيل مشق

(الف) ھيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

١. مريضنِ

٢. لاھيين،

٣. ڦڪيون

۴. حبيبَ!

۵. مُقابلو

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پهرين بيت ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ الله جي ساراھ بيان ڪندي لکيو آھي تہ اي رب! تون ئي اسان جو دوست آھين ۽ تون ئي اسان جي مرضن ۽ تڪليفن کي سمجھڻ وارو آھين، تو وٽ ئي اسان جي هر تڪليف ۽ درد جي دوا موجود آھي، رب ڪريم اسان انسانن جي دلين ۾ ڪيتريون ئي تڪليفون آھن پر تنھنجي ذات ئي انھن تڪليفن، دردن ۽ پريشانين کان نجات ڏئي سگھي ٿي.

۲. هي بيت شاھ جو رسالو جي "سُر يمن ڪلياڻ" مان ورتل آھي.

۳. آخري بيت ۾ شاعر جو اھو مقصد آھي تہ منھنجا محبوب آءٌ ھٽ ڪٽي توکي ٻاڏايان ٿو تون مونکي اھڙي سگھ عطا ڪر جو آءٌ ڪمان جيان تو وٽ پھچي توکي پسيان، باقي مون ۾ ايتري سگھ نہ آھي جو آءٌ تنھنجو مقابلو ڪري سگھان.

۴. شاھ جو رسالو ۾ ڪُل ٽيہَ (۳۰) سُر آھن.

۵. هن بيت ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ الله جي ساراھ بيان ڪندي لکيو آھي تہ اي رب! تون ئي اسان جو دوست آھين ۽ تون ئي اسان جي مرضن ۽ تڪليفن کي سمجھڻ وارو آھين، تو وٽ ئي اسان جي هر تڪليف ۽ درد جي دوا موجود آھي، رب ڪريم اسان انسانن جي دلين ۾ ڪيتريون ئي تڪليفون آھن پر تنھنجي ذات ئي انھن تڪليفن، دردن ۽ پريشانين کان نجات ڏئي سگھي ٿي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاھيو.

لفظ	معنيٰ	جملن ۾ استعمال
طبيب	معالج	احمد طبيب کان علاج ڪرايو.
دَوا	دوا	دوا سان گڏ دعا بہ ضروري آھي.
شِفا	صحت يابي	شِفا ڏيڻ واري الله جي ذات آھي.
ڏکيون	دوائي	الله جي حڪم کان سواءِ ڏکيون بہ اثر ناھن ڪنديون.
امُر	حڪم	الله جي امُر سان ئي برسات پوندي.

(د) مذڪر ۽مؤنث لفظن جي سُجاڻ

۱. هيءُ انبُ آھي. مذڪر

۲. هيءُ پَيِرُ آھي. مذڪر

۳. گِيتُ ڳايو ويو. مذڪر

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم صحيح اچار سان پڙهايو ويندو.
- ڪلاس جي شاگردن جو خوشخطي بابت مقابلو ڪرايو ويندو. جن شاگردن جي خوشخطي بهتر هوندي اهي هن نظم جا بيت هڪ چارٽ تي لکي ايندا.
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ ۾ امن، سهپ، پيار ۽ رواداريءَ بابت ڏنل پيغام تي مضمون لکو.
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي لکيل "شاهه جو رسالو" جي ڪن بہ تِن سُرن جا نالا لکو.

١. سُر ڪلياڻ

٢. سُر سارنگ

٣. سُر ڪاموڏ

سبق ٻيون

سنا اخلاق

سکيا جي حاصلات:

- مرکب ۽ مرتب لفظ ٻڌي، سمجهي استعمال ڪري سگهي.
- محاورن ۽ اصطلاحن کي ٻڌي، سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.
- عبارت، درست اُچار ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي.
- پنهنجي تقرير ۾ محاورن ۽ چوٽين جو موقعي محل سان استعمال ڪري سگهي.
- اصطلاح ۽ محاوري ۾ فرق سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد ۽ جمع جي اصولن کان واقف ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ۴ – ٨
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي،

غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. پاڻ سڳورن صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن شهزور ۽ ڏاڍي انسان بابت ڇا فرمايو؟
٢. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جون ڪي به پنج خصلتون بيان ڪيو.
٣. حديث ۽ سنت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

١. پارڙن
٢. رک
٣. سرچشمو
٤. تنگون
٥. صبر

(ب) سوالن جا جواب:

١. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي محمد! تون اخلاق جي اعليٰ مقام تي فائز آهين. هڪ ٻي جاءِ تي قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي زندگي سيني انسانن لاءِ حسين ترين مثال آهي.
٢. حضرت انس بن مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه ڏهه سال پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ رهيو. پاڻ ٻڌائين ٿا ته مان ڏهه سال حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ رهيس پر ڪڏهن به مونکي ڇڙڪ نه ڏنائون ۽ نه وري چيائون ته هي ڪم تو ڇو نه ڪيو.
٣. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن حسد جي خرابين کي نمايان ڪندي فرمايو ته "اوهان حسد نه ڪندا ڪريو ڇو ته حسد نيڪين کي ائين ساڙي پسم ڪري ڇڏي ٿو. جيئن باهه ڪاڻين کي ساڙي رک ڪري ٿي."
٤. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم مهمان نوازيءَ ۾ به سڀ کان اڳرا هئا. هڪ پيري اهل حبش جو هڪ وفد آيو ته پاڻ ان جي مهمان نوازيءَ جا فرض بهتر طريقي سان سر انجام ڏنائون. هڪ دفعي وٽن هڪ ڪافر مهمان ٿيو ته ڪيس پنهنجي ستن ئي ٻڪرين جو

ڪير پياريائون. پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن وٽ جڏهن ڪو به مهمان ايندو هو ته جيڪي ڪجهه به گهر ۾ هوندو هو اهو مهمان کي کارائي بيحد خوش ٿيندا هئا.

۵. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن زندگيءَ جي هر موڙ تي دشمنن سان به سهڻو ورتاءُ ڪيو. هڪ دفعي ڪنهن جنگ ۾ هڪ نياڻي قيد ٿي آئي، پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي چادر وڇائي ان تي ڪيس ويهاريو ۽ پوءِ آزاد ڪري، اُٺ تي چاڙهي، عزت ۽ احترام سان واپس ڪيو. هڪ دفعي هڪ يهودي عورت زينب بنت الحارث، کين گوشت ۾ زهر وجهي کارايو. بعد ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن کي اها خبر پئجي ويئي، پر پاڻ کيس معاف ڪري ڇڏيائون.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ٻانهو	بندہ	الله جو ٻانهو عبادت ۾ مصروف آهي.
اڳرا	اول/نمایاں	مسلمان اتحاد ۾ سيپ کان اڳرا آهن.
مهمان	مہمان	ڪوٽ وارا مهمان کي مانُ ڏئي بيحد خوش ٿيندا آهن.
حسن سلوڪ	شفقت/بہتر رویہ	پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ٻارن سان حسن سلوڪ سان پيش ايندا هئا.
پاڙيسري	پڑوسی	پاڙيسرين جو هر حال ۾ خيال رکڻ گهرجي.
صبر	صبر/برداشت	روزو اسان ۾ صبر جي سگهه پيدا ڪري ٿو.

(د) واحد جمع

واحد	جمع
رنگُ	رنگَ
ٻڪرُ	ٻڪرَ
باغُ	باغَ
ٻارُ	ٻارجه
درُ	درَ

OXFORD UNIVERSITY PRESS

(هـ) اصطلاح

اصطلاح	معنيٰ
سِر جو سانگو ڪرڻ	پاڻ کي بچائڻ
منڊلي مچائڻ	ماحول سھڻو ڪرڻ
نوش جان ڪرڻ	مزي سان کائڻ
پلر پيئڻ	مينھن جو پاڻي پيئڻ
ھٿ ٽنگڻ	سوال ڪرڻ
سوڙ آھر پير ڊگھيرڻ	حيثيت مطابق خرچ ڪرڻ

اخلاق نبوي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم تي نوٽ

حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي شخصيت ۾ اعليٰ اخلاق مبارڪ جي ذڪر سان ڪيترائي ڪتاب سينگاريل آھن تہ بہ سندن چڱا گڻ ۾ نيڪ خصلتون بيان ڪرڻ جڻ تہ انساني قُوت کان مٿي آھي. پنھنجي پياري حبيب جي لاءِ رب پاڪ هيءُ جنسار جوڙيو. ڪُل ڪائنات جي ذري ذري کان ڪيس معتبر ۾ مٿانھون ڪيائين. سندن شرف ۾ اعليٰ حيثيت کي ڪلمي جي ذريعي ثابت ڪيائين. مٿن درود پڙھيائين ۾ ايمان وارن کي جاڻايائين تہ "بيشڪ الله ۾ ان جا ملائڪ درود پاڪ پڙھن ٿا. نبيءَ سڳوري صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم تي اي ايمان واروتوھين بہ درود ۾ سلامتي موڪليونبي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم تي".

انھيءَ کان وڌيڪ ڪا عظيم ذات ھوندي جنھن جي واکاڻ ۾ ساراھ خود رب پاڪ ڪئي ھجي. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن رحمت اللعالمين ۾ شفيع المذنبين آھن. ڏينھن قيامت لاءِ چوٽڪارو آھن. سندن ذات مبارڪ ڪُل عالم لاءِ رحمت ۾ شفاعت آھي.

حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ۱۲ ربيع الاول سومر جي ڏينھن اٽڪل پندرھن سئو سال اڳ مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جو جنم ھاشمي قريش خاندان ۾ ٿيو. والد جو نالو حضرت عبدالله ۾ والده جو نالو بيبي آمنہ آھي. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن کي سندن والد جي وفات جي ڪري پھرين ڏاڏي عبدالمطلب ۾ پوءِ چاچي ابوطالب پاليو. پاڻ ننديءَ عمر کان ئي با اخلاق ۾ سچار جي نالي سان مشھور ھئا. جنھن جي لاءِ ڪيترا ئي واقعا اسلامي تاريخ ۾ ذڪر ٿيل آھن. پياري رسول صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي چڱن گڻن جي ڪري ئي عرب جي جھيڙاڪ قوم متاثر ٿي ۾ اسلام قبول ڪيو. سندن ڏنل اسلام جي تعليم طبقاتي فرق ختم ڪري ڇڏيا. پاڻ مسلمانن کي واضع طور سمجھايائون تہ " توھان سڀ آدم عليہ السلام جي اولاد آھيو ۾ آدم عليہ السلام مٽيءَ جي پيدائش آھي. اوھان مان ڪنھن کي ڪنھن تي فوقيت حاصل نہ آھي. سواءِ پرھيزگاريءَ جي"، "بيشڪ توھان مان الله وٽ ويجھو اُھو آھي جيڪو پرھيزگار آھي". الله جي

رسول صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مسلمانن کي زندگي گذارڻ جا صحيح اصول سمجهايا. کين ڄاڻايو تہ عورت جا مرد تي ۽ مرد جا عورت تي مزور جا مالڪ تي ۽ مالڪ جا مزور تي، اولاد جا والدين تي ۽ والدين جا اولاد تي، استاد جا شاگرد تي ۽ شاگرد جا استاد تي ڪهڙا حق ۽ فرض آهن. زندگيءَ جي هر رُخ کي موقعي مهل مطابق سمجهائي ڪيترن ئي مسئلن کي عملي طور زندگيءَ ۾ ثابت ڪيائون. سندن سچائي، نيڪي، نرم خوئي، محبت، همدردي، امانت، صداقت، صبر، استقلال، عفو ۽ درگذر کان ڪم ونندا هئا. ٻارن سان پيار ۽ شفقت ۽ عورتن سان عزت سان پيش ايندا هئا. يتيمن جا همدرد ۽ غلامن جا مولا هئا. قول ۽ فعل جو فرق کين سخت ناپسند هو. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جيڪي چوندا هئا، انهيءَ تي عمل ڪندا هئا. پاڻ فرمايائون تہ "منهنجي اصل پونجي معرفت آهي، مون کي اعليٰ اخلاق جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي. نيڪ اخلاق منهنجو بنياد آهي ۽ علم منهنجو هٿيار آهي. الله جو ذڪر منهنجو ساٿي آهي. عاجزي منهنجو سرمايو آهي. نماز منهنجي اکين لاءِ ٺڏ آهي.

اسان کي گهرجي تہ خدا پاڪ جي پياري رسول صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي چڱن اخلاقن مان سبق پرايون ۽ ساڻن محبت ڪريون. مٿن درود ۽ سلام موڪليون تہ جيئن دين ۽ دنيا ۾ سوپارا ٿيون.

(ڈاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتاب "اخلاقي قدر" مان منتخب ڪيل مضمون)

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- سيرت نبي متعلق ڪو بہ مشهور ڪتاب لائبريري مان جاري ڪرائي ڪلاس ۾ شاگردن آڏو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جون صفتون يا پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو ڪو بہ واقعو بلند آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ڪلاس جا سيئي شاگرد ادب ۽ احترام سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ۽ آخر ۾ ڪلاس جي شاگرن کان معلوم ڪيو تہ اوهان ان واقعي يا سيرت نبي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مان ڇا پرايو؟
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

سبق ٹيون

نعت

سکيا جي حاصلات:

- مخاطب جي ڳالهه ٻڌي ان جي مراد ۽ مقصد کي سمجهي راءِ ڏئي سگهي.
- اسکول جي سطح تي منعقد ٿيندڙ پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪري سگهي.
- عام درخواستن، فيصلن، رسيدن، فارمن، دعوتنامن، ڪارڊن، حڪمنامن، رپورٽن ۽ سرڪيولرن وغيره کي سمجهي پڙهي سگهي.
- اسکول ۾ منعقد ٿيندڙ مختلف تقريبن جي روئداد (اکين ڏٺو احوال) لکي سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ موبائل وسيلي خط ۽ دعوت نامہ لکي موڪلي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مطلع ۽ مقطع جي وصف سمجهي سگهي..
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٩ – ١١
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (نعت) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ هر شعر جي سمجهاڻي پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن

کان مختلف سوال کيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. شعر ۾ مصرعه ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
٢. هن نعت جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟
٣. اکر، لفظ ۽ جملي ۾ فرق واضع ڪري ٻڌايو؟

شاعر جو تعارف

پروفيسر ڈاڪٽر طارق رحيم سومرو ديهاتي ولد قاضي حاجي عبدالرحيم سومرو، ڳوٺ ديهات، تعلقو محراب پور، ضلعو نوشهروفيروز ۾ ١٢ سيپٽمبر ١٩٧٠ع ۾ پيدا ٿيو. ڈاڪٽر طارق رحيم سومرو پهريون پاڪستاني آهي جنهن ڪمپيوٽر سائنس ۾ بيچلر، ماسٽر ۽ پي ايڇ ڈي ۾ ڊگريون حاصل ڪيون. ڈاڪٽر طارق رحيم سومرو ديهاتي، هڪ ماهر تعليم، سائنسدان، ليکڪ، شاعر ۽ سماجي ڪارڪن آهي. شاعري جا ٽي ڪتاب حمد و نعت ۾ ڇپجي چڪا آهن، انهن ۾، گلدسته حمد و نعت، نذرانه حمد و نعت، ۽ مجموعه حمد و نعت شامل آهن. ڈاڪٽر طارق رحيم سومرو هڪ ڪتاب ابتدائي سلوڪ انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ هڪ ڪتاب الانوار الاحمديه في حالات المشائخ النقشبنديه، حصو ٻيو، جو اردو زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. سندس هڪ ڪتاب ڪمپيوٽر سائنس ۽ هڪ ڪتاب هائر ايجوڪيشن تي انگريزي زبان ۾ ڇپجي چڪا آهن.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. طاقت نه آ
٢. وعده نيايا
٣. آ مننار جي
٤. لامڪان لاءِ
٥. نور جاڻي

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم (نعت) جي شاعر جو نالو پروفيسر ڊاڪٽر طارق رحيم سومرو ديهاتي آهي.

٢. جنت کان اڳ جي هڪ مقام جو نالو "سدرة المنتهيٰ" آهي.

٣. نعت جي ٽيون نمبر شير ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي ته الله تعاليٰ جيڪي به پيغمبر موڪليا انهن الله جي حڪم مطابق پنهنجو وعدو پورو ڪيو ۽ امتن کي ٻڌايو ته اسان کان پوءِ هڪ آخري نبي ايندو جنهن کي خاتم النبين چيو ويندو پر ان جو رتبو ۽ مقام سڀني کان افضل ۽ اعليٰ هوندو ۽ اهو تمام نبين کان اول هوندو.

٤. هن نظم جي آخري شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته جڏهن حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن معراج تي ويا ته ان وقت هڪ خاص پردي اندرنور نور سان مليو اهو الله جي ذات ۽ محبوب نبي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم ئي حقيقت کان با خبر آهن ته ان افضل ملاقات ۾ ۽ افضل مقام تي کڻڻو اظهار ٽيو ان حقيقت کي بيان ڪرڻ جي اسان ۾ ايتري سگهه نه آهي.

٥. هن نظم ۾ شاعر خاتم النبين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي واکاڻ بيان ڪندي اها حقيقت واضع ڪئي آهي ته الله تعاليٰ انسان ذات جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ لک چاليه هزار پيغمبر موڪليا پر انهن تمام نبين ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو رتبو ۽ مقام تمام نبين کان اعليٰ ۽ افضل آهي ۽ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن نبين جا سردار آهن. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي جيتري ساراه ڪجي اها ڪجهه به نه آهي. شاعر حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ معراج جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي ته الله جي ذات تمام نبين مان صرف ۽ صرف محبوب نبي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن کي جنت جو ديدار ڪرايو ان رات کي اسين شب معراج چوندا آهيون.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ساراه	تعريف	نعت ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي ساراه بيان ڪئي ويندي آهي.
عظمت	مرتبہ	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي عظمت افضل آهي.
ميهار	بھینس چَرانے والا	ميهار مينهون چاريندو آهي.
اُمت	امت	اسين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي امت آهيون.
عرش	آسمان	عرش تي تارا چمڪن ٿا.
معراج	بلندی	الله تعالي جي حڪم سان حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن معراج تي ويا.

(د) لفظن جا ضد.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
جنم	وفات	چريو	سياڻو
ٿلهي	سنهي	ورُ	وني
ٿڌي	گرم	آباد	غير آباد

عام ادبي معلومات

١. مثنوي کي سنڌي ۾ دوهو چيو ويندو آهي.
٢. شاهه جو رسالو ۾ ستن سورمين جو ذڪر آهي.
٣. سنڌي زبان ۾ سيپ کان پهريون ڪتاب مقدمة الصلواة لکيو ويو.
٤. سنڌي شاعريءَ جو ابو قاضي قادن کي چيو ويندو آهي.
٥. عربن جي دور ۾ پهريون پيرو قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل تان ٻگولا ڪري مرزا قليچ بيگ لکيل ڏهن ڪتابن جا نالا لکي ايندا.

سبق چوٿون

حضرت سلمان فارسيؓ

سکيا جي حاصلات:

- عبارت پڑهي معلوماتي، تفهيمي ۽ اطلاقي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- مضمون لکڻ وقت پنهنجن خيالن، مشاهدن کي پئرائن ۾ ترتيب سان لکي سگهي.
- گهر ۽ اسکول جي طرز تي مشغولين تي روزنامچي يا (ڊائري) جي صورت ۾ لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ضمير متڪلم ۽ ضمير مبهم جي وصف کان واقف ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ١٢ – ١٥
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.

- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. زرتشت مذهب ۾ ڇا جي پوجا ڪئي ويندي هئي؟

٢. عموريه جي بزرگ حضرت سلمان فارسيؓ کي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلي آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جون ڪهڙيون نشانيون ٻڌايون؟

٣. ان وقت عيسائيت جو مرڪز ڪهڙي ملڪ ۾ هو؟

٤. اصفهان ڪهڙي ملڪ ۾ واقع آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. آب الملڪ

٢. مابا

٣. يثرب

٤. مديني

٥. ٣٧

(ب) سوالن جا جواب:

١. حضرت سلمان فارسيؓ اصفهان شهر جي پر واري هڪ ڳوٺ آب الملڪ جو رهاڪو هو.

٢. حضرت سلمان فارسيؓ جو اصل نالو "مابا" هو.

٣. عموريه جي راهب (بزرگ) مرڻ وقت حضرت سلمان فارسيؓ کي چيوته، اي حق جي ڳولا ڪندڙ نوجوان هن وقت آخري نبي جي اچڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي، جيڪو عربستان جي ريگستان مان اٿي دين حنيف کي زنده ڪندو ۽ هو ان ڏرتي (يثرب) طرف هجرت ڪندو. جتي کيترا ئي کجين جا وڻ هوندا. سندس نشانيون اهي آهن ته هو صدقي جو مال پاڻ استعمال ۾ نه آڻيندو بلڪ هديي (تحفي) طور مليل شيون ڪُتب آڻيندو. سندس ٻنهين ڪُلهن جي وچ تي نبوَت جي مُهر هوندي.

٤. حضرت عمر فاروقؓ پنهنجي خلافت جي دور ۾ حضرت سلمان فارسيؓ کي مدائن شهر جو گورنر مقرر ڪيو.

٥. حضرت سلمان فارسيؓ ٣٧ هجري ۾ مدائن ۾ ئي وفات ڪئي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملن ۾ استعمال
ڪچ	بهت	ڪچ عرصي کان پوءِ برسات پئي آهي.
قافلو	قافلہ	هڪ قافلو شام ملڪ وڃي رهيو هو.
ساعت	گھڑي/پل/وقت	صبح جي ساعت ۾ اٿي عبادت ڪرڻ گھرجي.
رحلت	وفات/انتقال	حضرت سلمان فارسيؓ ۳۷ هجري ۾ رحلت ڪري ويو.
درويش	بزرگ	منهنجي ملاقات هڪ درويش سان ٿي.

(د) مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ.

۱. هيءُ ڇوڪرو آهي. مذڪر
۲. هيءُ ٻارُ آهي. مذڪر
۳. هيءُ منهنجو چاچو آهي. مذڪر
۴. ڏينهن ڏاڍو گرم آهي. مذڪر

(ھ) ضمير مبهم جا جملا

۱. ڪو تہ آخر مدد لاءِ ايندو.
۲. ڪنهن تہ چوري ڪئي هوندي.
۳. ڪمري ۾ ڪير داخل ٿيو هو.
۴. ڪار جو حادثو ڪمڙي جاءِ تي ٿيو آهي.
۵. ڪنهن جي گھر مهمان آيا آهن.

ضمير متڪلم جا جملا

۱. آءٌ ڪتاب پڙهان ٿو.
۲. اسان پڪنڪ تي ويندا سين.
۳. مان اڄ موڪل ڪندس.
۴. منهنجو گھر پري آهي.
۵. اسان کي اڄ روزو آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا وڃو.
- شاگردن کي حضرت سلمان فارسيؓ جي زندگيءَ بابت مختصر ڄاڻ ڏني وڃي. فصاحت ۽ بلاغت جي وضاحت شاگردن کي آسان لفظن ۾ سمجهائي وڃي.
- حضرت سلمان فارسيؓ جي زندگيءَ مان اوهان سڀ کان وڌيڪ ڪهڙين ڳالهين مان متاثر ٿيا آهيو. انهن ڳالهين تي مشتمل هڪ مضمون لکو.

سبق پنجون

علم حياتيات

سکيا جي حاصلات:

- ڪا بہ ڳاله ٻڌي سمجهي ان مان نتيجو ڪڍي سگهي.
- زمان ماضي قريب ۽ بعيد جو فرق سمجهي جملا بدلائي سگهي.
- لفظ، محاوره ۽ اصطلاح لغت مان ڳولي انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڙ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد لفظن کي جمع ۽ جمع لفظن کي واحد ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ١٦ – ١٩
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.

- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. علم حياتيات کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڇا چيو ويندو آهي؟

٢. علم حياتيات جون ٻہ خاص شاخون ڪھڙيون آهن؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. ميسو زائڪ

٢. حياتيات

٣. ٻن

۴. ارسطو

۵. پندرهين

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن وقت علم حياتيات جون ٢٦ کان وڌيڪ شاخون آهن.

٢. چارلس ڊارون ويهہ سال ان نظريي تي ڪم ڪيو ۽ پنهنجي ارتقائي نظريي جي حق ۾ ثابتين سان ڀرپور مشاهدا پيش ڪيا. ڊارون جي مشاهدن، علم حياتيات ۾ اضافو ڪيو ۽ پنهنجا گھرا اثر مرتب ڪيا. سندس مشاهدا ٻين سائنسدانن جيان ساڳي نوعيت جا هئا تہ نوان جاندار تبديلين جي مرحلن مان گذرڻ بعد پراڻن جاندارن مان ئي پيدا ٿيل آهن. انهن تبديلين جو سبب ورهاست جو عمل آهي.

٣. اسلامي دور ۾ علم حياتيات سان سائنس جي ٻين علمن تي ٻہ تمام گھڻو ڪم ٿيو. نہ صرف ايترو پر تجربن جو استعمال ٻہ اسلامي دور ۾ شروع ٿيو جنهن سان علم ۽ ڇاڻ جا نوان رُخ سامهون آيا. انٽين کان پندرهين صديءَ تائين مسلمانن سائنس ۾ بي پناهہ ترقي ڪئي، انهن يوناني ادب ۽ علم جو مطالعو ڪيو ۽ ٻين ٻولين ۾ لکيل ڪتابن کي عربيءَ ۾ ترجمو ڪرايو.

۴. لکن سالن جي گذرڻ کان پوءِ سينو زائڪ دور شروع ٿيو. جيڪو ٻن حصن ۾ ورهايل هو. هن دور جو هڪ حصو "ٽيرشري" هو. جنهن ۾ نوان ٻوٽا ۽ ڪير پيارينڊڙ جانور نمودار ٿيا، ۽ ٻئي حصي "ڪواٽرنري دور" ۾ جيوگھرڙي هڪ نئين ارتقا ڪري، ماڻھوءَ جي غير واضح شڪل اختيار ڪئي.

۵. علم حياتيات کي ٻن شاخن ۾ ورهايو ويو هو. جن ۾ حيوانن/ جانورن جي علم کي علم حيوانات ۽ ٻوٽن يا نباتات جي علم کي علم نباتات چيو ويندو آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
نمودار	نمايان/ ظاهر	صبح جو سِج نودار ٿيڻ لڳو.
اِهجاڻ	شواهد	موهن جي دڙي مان سنڌ جي ثقافت جا اُهجاڻ مليا آهن.
روشنائي	روشنی	ڪمري جون دريون کولڻ سبب روشنائي ٿي وئي.
مشاهدو	تحقيق	اسان سائنس جو مشاهدو ڪيو سين.
جاڻ	معلومات	اسان کي بزرگن کان جاڻ حاصل ڪرڻ گهرجي.

(د) واحد ۽ جمع

واحد	جمع	واحد	جمع
تالو	تالا	قلعو	قلعا
نماڻو	نماڻا	حملو	حملا
اڇو	اڇا	پيارو	پيارا
قافلو	قافلا	اڪيلو	اڪيلا

(هـ) هيٺ ڏنل عبارت پڙهي ان جي آسان لفظن ۾ سمجهاڻي لکو.

قرآن شريف ۾ به ان ڳالهه جون شاهديون ملن ٿيون "۽ سڀ ڪنهن جيئري شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو سون، ۽ پوءِ چونہ ايمان آڻيندا آهن." زندگيءَ جي شروعات، مادي ۾ تبديليءَ جو مظهر آهي ۽ زندگي ڪيمياءِ تبديلي ۽ ارتقا جي عمل وسيلي ظاهر ٿي. بعد ۾ حياتي مختلف قسمن جي جاندارن ۾ ورهائجي وئي ۽ انسانذات جي صورت تائين وڃي پهتي.

سمجهاڻي:

هن عبارت ۾ اها حقيقت لکيل آهي تہ اسين علم حياتيات وسيلي جيڪو به مشاهدو ڪيون پيا ۽ سائنس جي علم جي مدد سان جيڪي ڪجهه پڙهي رهيا آهيون. انهن تمام شين بابت قرآن پاڪ ۾ ذڪر موجود آهي مطلب تہ زندگيءَ جي شروعات مادي جي تبديلين کان ٿيندي مختلف قسمن جي جاندارن ۾ ورهائجي وئي ۽ نيٺ اڄتي انسان ذات جي صورت تائين پهچي وئي. جڏهن تہ هر جاندار شيءَ کي قدرت پاران سڀ کان پهريون پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو. ان حقيقت جو ذڪر قران پاڪ ۾ آهي تہ "۽ سڀ ڪنهن جيئري شيءَ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو سون، ۽ پوءِ چونہ ايمان آڻيندا آهن."

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا وڃو.
- علم حياتيات سان لاڳاپيل ڪنهن به نامور شخصيت جي زندگيءِ ان جي ڪارنامن تي مختصر نوٽ لکو.
- علم حياتيات جي شاخن جا نالا ءِ انهن شاخن ۾ ڪهڙي قسم جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو؟ هر هڪ شاگرد هڪ چارٽ تي وضاحت تيار ڪري ايندو.
- شاگردن کي علم حياتيات جي شاخن بابت ڄاڻ ڏني وڃي

سبق ڇهون

منهنجي پياري امڙ

سکيا جي حاصلات:

- نظم ٻڌي، ان جي مرڪزي خيال ۽ حاصل مطلب کي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.
- لطيفا ۽ پهاڪا وغيره پڙهي، ان ۾ لڪل ڏاهپ کي پروڙي سگهي.
- چوٽين ۽ پهاڪن کي پڙهي، سمجهي سگهي.
- اخبارن ۽ رسالن جون لکڻيون، ڪالم، اداريو، فيچر، وغيره، پڙهي اهم نڪتا لکي سگهي.
- قول ۽ سٺا سخن سمجهي پڙهي سگهي.
- پهاڪي ۽ چوٽيءَ جي فرق کي سمجهي سگهي.
- تشبيهن، استعارن، چوٽين ۽ پهاڪن کي ٻڌي، سمجهي ۽ ورجائي سگهي.
- هاڪاري، ناڪاري، سوالیہ ۽ عجب وارن جملن واري گفتگو ٻڌي، سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- وطن جي محبت جو جذبو دل ۾ پيدا ڪري سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٢٠ – ٢٢
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ

پڙ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. هن نظم جو حاصل مقصد ڇا آهي؟
۲. هن نظم ۾ شاعر جيجل جي ڪهڙيءَ ريت تعريف بيان ڪئي آهي؟
۳. هن نظم ۾ شاعر پنهنجو تخلص ڪهڙو استعمال ڪيو آهي؟

شاعر جو تعارف

گل محمد سومرو ۲۰ فيبروري ۱۹۷۶ عيسوي تي ضلعي خيرپور ميرس جي هڪ ننڍڙي شهر لقمان ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو محمد بخش سومرو آهي. گل محمد سومرو ميٽرڪ گورنمنٽ ناز پائلٽ سيڪنڈري اسڪول خيرپور ميرس مان ڪئي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ سنڌي سبجيڪٽ جي استاد جون ذميواريون سر انجام ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ گڏ اقرا يونيورسٽي ڪراچي مان ايم فل (ايجوڪيشن) جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ هڪ نالياورو تعليمدان، شاعر، ليکڪ، صحافي، ڪالم نگار ۽ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو مصنف آهي. سندس لکيل ادبي ۽ نصابي ڪتابن جو انگ ۱۳ آهي. جن ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب "اڻپوري خواهش"، "مايا" ۽ شاعريءَ جو ڪتاب "خيالن جي خوشبو" وڏي شهرت بخشي. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "بيوس" آهي. اجرڪ پبليڪيشن جو سرواڻ ۽ روزاني اجرڪ اخبار جو چيف ايڊيٽر آهي. ان کان علاوه آل سنڌ پرائيويٽ اسڪول ٽيچرز ائسوسيئيشن جو چيئرمين پڻ آهي. هن وقت ملڪ جي نالياري تعليمي اداري بيڪن هائوس اسڪول سسٽم ۾ سنڌي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

۱. خالق در
۲. خدمت
۳. ندامت
۴. جنت

۵. محتاج

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم جي شاعر جو نالو گل محمد سومرو"بيوس" آهي.

۲. هي نظم شاعريءَ جي مطابق غزل آهي.

۳. غزل عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "عورت جي ساراه ڪرڻ" .

۴. شاعر هن نظم جي پهرئين شعر ۾ لکي ٿو ته امڙ جي پيرن هيٺيان جنت آهي. اهڙي طرح جيجل جي خدمت ڪرڻ به تمام عبادتن مان هڪ افضل عبادت آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجي امڙ جي زندگيءَ جي هر موڙ تي عزت ۽ خدمت ڪرڻ گهرجي.

۵. هن نظم ۾ شاعر جيجل جي واکاڻ ڪندي اهو پيغام ڏنو آهي ته دنيا ۾ ماءُ ۽ پيءَ جو رشتو عظيم رشتو آهي جنهن کي الله جي ذات جوڙيو آهي. خاص طور تي جيجل جي خدمت جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ بار بار آيو آهي. اسان کي امڙ جي هر حال ۾ ۽ هر موڙ تي خدمت ۽ عزت ڪرڻ گهرجي. توڙي جو ڪٽي وقت جو عالم هجي يا الله جو ولي، نبي هجي يا بادشاه پر سيني جي لاءِ اهو حڪم آهي ته کين جيجل جي خدمت لازمي آهي. جيڪي انسان پنهنجي امڙ جي عزت ۽ خدمت ڪندا آهن اهي دنيا ۽ آخرت ۾ هر صورت ۾ ڪاميابي ماڻيندا پر جيڪي انسان پنهنجي جيجل جي دل رنجائن ٿا اهي نه دنيا ۾ ڪاميابي ماڻيندا ۽ نه ئي آخرت ۾.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ڪرامت	کرامت	آب زم زم جو پاڻي به قدرت جي هڪ ڪرامت آهي.
صداقت	سچائی/خلوص	جيجل جي محبت ۾ تمام گهڻي صداقت آهي.
محتاج	محتاج	هنر مند انسان ڪنهن جو محتاج ناهي ٿيندو.
عظمت	عظمت	ابي ۽ امڙ جي عزت ۽ عظمت جو خيال رکڻ گهرجي.
رضا	راضی رہنا	هر ڪم ۾ الله جي رضا هوندي آهي.
جيجل	ماں	جيجل جو رتبو عظيم آهي.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

(د) پھاڪن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ.

نمبر	پھاڪو	معنيٰ (سنڌيءَ ۾)
١	اھا زبان چانوَر ۾ بہ ويھاري تہ اُسَ ۾ بہ .	انسان اخلاق سان ئي عزت حاصل ڪري ٿو.
٢	آئي ٽانڊو ڪٽڻ ٽي وئي بورچاٽي.	ڏوڪي سان سين مٽان حاوي ٽي ويڙ.
٣	بہ گدرا ھڪ مُٺ ۾ نہ ماپن.	ھڪ وقت ۾ بہ ڪم نہ ٿا ڪري سگھجن.
۴	ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.	دل ۾ اھا حسرت رکڻ جيڪا وسَ کان ٻاھر ھجي.
۵	تاڙي ھڪ ھٿ سان ناھي وڄندي.	ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آھي.
٦	تکڙ ڪم شيطان جو.	ھر ڪم آرام سان سوچي سمجھي ڪرڻ گھرجي.

(ھ) مبتدا ۽ خبر

جملو	مبتدا	خبر
فراز لکي ٿو.	فراز	لکي ٿو.
شاگردُ ڊوڙي ٿو.	شاگردُ	ڊوڙي ٿو.
پکي اُڏامن ٿا.	پکي	اُڏامن ٿا.
ٻار کيڏن ٿا.	ٻارَ	کيڏن ٿا.
نديم روئي ٿو.	نديم	روئي ٿو.

(و) "ماءُ جي پيرن هيٺيان جنت آھي" عنوان تي مضمون پنھنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.

ماءُ جي پيرن هيٺيان جنت آھي، اھا بلڪل حقيقت آھي ڇاڪاڻ تہ ماءُ جو رتبو قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي سورتن ۾ واضع لفظن ۾ ٻڌايو ويو آھي، ان حقيقت کان ڪو بہ انڪار ڪري نہ ٿو سگھي تہ ماءُ جي دل ۾ اولاد جي لاءِ جيڪا محبت، پيار ۽ سچائي آھي، اھا دنيا جي ڪنھن بہ رشتي ۾ نہ آھي، چاھي ماءُ جي لاءِ اولاد جو رشتو ھجي پر اولاد جي دل ۾ بہ ڪيتري ئي محبت ۽ گھرائي ھجي پر ماءُ جي مقابلي ۾ تمام گھٽ آھي. جنت ۽ دوزخ جو فيصلو تہ روز قيامت ۾ ئي ٿيندو تہ جنھن سڀ ڪم ڪيا ھوندا اھو جنت ۾ ۽ جنھن بُرا ڪم ڪيا ھوندا اھو دوزخ ۾ داخل ڪيو ويندو. پر ماءُ جي خدمت ۽ ان جي عزت، احترام، احساس ڪرڻ وارو مسلمان شخص آخرت ۾ الله جي طرفان انعام طور ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. بغير ڪنھن حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. ان ڪري پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آھي تہ جنت ماءُ جي پيرن هيٺيان آھي. ان مان مراد مومن بھشت جو صحيح معنيٰ ۾ حقدار تڏھن ٿيندو جڏھن ھو ماءُ جي صحيح معنيٰ ۾ سچائيءَ سان خدمت ڪندو. ھر وقت ماءُ جي حڪم جو پابند ۽ فرمانبردار رھندو. اھڙو شخص ماءُ جي دعائن کان مالا مال ٿيندي ھن دنيا ۾ تہ ڏھني سڪون حاصل ڪندو، اھو شخص زماني جي گردشن، مصيبتن، بيمارين ۽ پريشانين کان بچيل رھندو آھي.

ماءُ اها پاڪ ۽ عظيم هستي آهي، جنهن نبين ۽ پيغمبرن، ولين ۽ بزرگن کي پنهنجي ڪک مان جنم ڏنو. هن جي وجود سان ئي ڪائنات جا حسين ۽ دلربا رنگ اسان کي نظر اچن ٿا.

اسان کي گهرجي ته اسين پنهنجي والدين جي خدمت ڪريون، هنن سان نهايت احترام ۽ نوڙت سان پيش اچون. اهو اسان جو فرض آهي. ائين ڪرڻ سان ئي اسان زندگيءَ جي هر موڙ تي ڪاميابي ماڻيندا سين ۽ آخرت ۾ جنت جا حقدار ٿيندا سين.

١ رڳو روئڻ نصيبن ۾ امان تو بن اکيون ڳوڙهَا
ڪيٿي قرب آقربين ۾، امان تو بن اکيون ڳوڙهَا

٢ زماني سان لڳي دل ڪيئن، ظالم زمانو هيءُ
روئان ويني رقيبن ۾، امان تو بن اکيون ڳوڙهَا

٣ صفاتنها پئي ٿي زندگي آهي، رسن ڏاڍي
زماني جي پليتن ۾، امان تو بن اکيون ڳوڙهَا

۴ دعائن جو ته دروازو ٿيو آ بند جيجل اڄ
هيم ڏک نصيبن ۾، امان تو بن اکيون ڳوڙهَا

۵ شميم هاڻي وڏي آڙاهه ۾ آهي حياتي هيءُ
ٿين شامل غريبن ۾، امان تو بن اکيون ڳوڙهَا

(شميم سومرو)

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن کي شفقت واري انداز ۾ امڙ جي اهميت، قدر ۽ خدمت بابت نصيحت ڪريو.

سکر بئراج

سکيا جي حاصلات:

- هدايتون ۾ اعلان وغيره ٻڌي، سمجهي ۽ ٻين تائين پهچائي سگهي.
- ڪنهن به متن کي آڏو رکي سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجن مشاهدن، تجربن ۾ جاڙ جي بنياد تي ٽن سون کان مٿي لفظن تي آڌاريل مضمون لکي سگهي.
- هم معنيٰ لفظن کي جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڙ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڙ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- اسم مصدر لفظن جي سُجاڙ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٢٣ – ٢٧
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. سکر بئراج جي دروازن جو انگ ڪيترو آهي؟
٢. سکر بئراج جي ساڄي پاسي کان ڪيترا واهه نڪرن ٿا؟
٣. سکر بئراج جي کاٻي پاسي کان ڪهڙا ڪهڙا واهَ نڪرن ٿا، انهن جا نالا ٻڌايو؟
٤. بئراجن جي ماءُ ڪهڙي بئراج کي چيو ويندو آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) صحيح ۽ غلط جملن جي سُڃاڻ.

١. صحيح ٢ غلط ٣.صحيح ٤.صحيح ٥.صحيح

(ب) سوالن جا جواب:

١. سکر بئراج بکر جي قلعي کان تن ميلن جي مفاصلي تي اولهندي طرف آهي.
٢. ٣١ جنوري ١٩٣٢ع ۾ وائسراءِ لارڊ ولنگڊن هن پل جو افتتاح ڪيو.
٣. سکر بئراج جو هر دروازو ٦٠ فٽ ويڪرو آهي.
٤. سکر بئراج جي ساڄي پاسي کان ٣ وڏا واهه " اُتر اولهه ڪئنال، رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال" نڪرن ٿا. اهڙي طرح کاٻي پاسي کان چار وڏا واهه نڪرن ٿا. "اوپرندو نارو، اوپر خيرپور ڪئنال، روهڙي سنڌ سڌار ڪئنال ۽ مغربي خيرپور ڪئنال" نڪرن ٿا.
٥. سکر بئراج جي ڏيگهه هڪ ميل يعني ٤٩٢٥ فٽ آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
زراعت	کيتي باڑي	پاڪستان ۾ زراعت جو ڪم تمام گهڻي ترقي ڪري رهيو آهي.
بئراج	بيراج	سکر بئراج کي ٦٦ دروازن واري پُل به چيو ويندو آهي.
عجائبات	عجائبات	سکر بئراج جو نالو دنيا جي عجائبات ۾ شامل آهي.
دلفريب	دلکش	سِج لهڻ جو منظر ڏاڍو دلفريب هوندو آهي.
ٻوڏ	سيلاب	هن سال ٻوڏ جو خطرو آهي.
نجات	نجات	الله سڀني کي پريشانين کان نجات عطا فرمائي.

(د) اسم مصدر

۱. ٻار کي مارڻ سڻي عادت نہ آهي.

۲. پاڻي تازو ۽ صاف پيئڻ گهرجي.

۳. وقت تي نماز پڙهڻ گهرجي.

۴. زندگي بهتر طريقي سان گذارڻ گهرجي.

۵.

(هـ) واحد جمع ناهڻ جو طريقو

واحد	جمع
اخبارَ	اخبارون
تصويرَ	تصويرون
ميزَ	ميزون
زمينَ	زمينون
اُميدَ	اُميدون

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ناهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا ويجو.
- سنڌو درياهه تي ڪيتريون ٻراجون ٺهيل آهن. انهن جا نالا لکو ۽ انهن ٻراجن مان جيڪي واهه نڪرن ٿا انهن جا پڻ نالا ڪاپيءَ ۾ لکو.
- ٻراجن جي اهميت ۽ فائدن بابت هڪ مضمون لکو.

سبق اٹون

ڪاميابيءَ جي ڪُنجي

سکيا جي حاصلات:

- سبق جو خلاصو لکي سگھي.
- بحث مباحثي جي گھرجن کي آڏو رکي پنھنجو نقطہ نظر پيش ڪري سگھي.
- پنھنجن مشاھدن ۽ خيالن کي تحرير ڪرڻ وقت زبان جي صحت (صورتخطي / بلند خواني، گرامر ۽ اعرابن وغيره) جو خيال رکي سگھي.
- پنھنجي يادگيرين کي آتم ڪھاڻيءَ جي صورت ۾ لکي سگھي.
- عام زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاھدن جو زباني ۽ تحريري اظھار ڪري سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجھي ۽ لکي سگھي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- ضمير استفھام جي وصف سمجھي ان جي جملن جي سُڃاڻ ڪري سگھي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٢٨ – ٣١
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، ھڪ ھڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. ڪاميابي ڇا آهي؟
٢. ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ڪهڙيون تبديليون آڻڻ گهرجن؟
٣. ناڪام انسانن جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟

حل ٿيل مشق

(الف) مناسب لفظ چونڊي هيٺان جملا مڪمل ڪريو.

١. ناڪامي
٢. نيت
٣. خوابن
۴. قدم
۵. مقصد

(ب) سوالن جا جواب:

١. پنهنجي خوف تي قابو پائڻ، پنهنجي مايوسي کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ فيصلو ڪري ان تي پختگي سان عمل ڪرڻ يعني مستقل مزاج رهڻ ئي ڪاميابي جا بنيادي جُز آهن.
٢. ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون تمام ضروري آهن.
(i) مقصد جو تعين ڪرڻ (ii) پهريون قدم کڻڻ (ii) پاڻ کي تبديل ڪرڻ
٣. جن انسانن جا ارادا اٽل هوندا آهن، اهي جبلن مان رستو پاڻ ٺاهڻ ۽ سمنڊ جي ته تائين پهچڻ جي بہ سگهه رکندا آهن.
۴. ڪاميابي جي لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجي زندگي جو ڍنگ تبديل ڪرڻ لازمي آهي. سوير سمهڻ ۽ سوير اٿڻ ضروري آهي. ڪنهن مفڪر جو چوڻ آهي ته جنهن ماڻهو کي سڄ جي روشني اٿاري ان لاءِ بهتر آهي ته اهو ستل ئي رهي، ڇاڪاڻ جو ڪاميابي انهن جا قدم چمندي آهي جيڪي سڄ کي اپاريندا آهن.
۵. ڪاميابي لاءِ پهريون قدم کڻڻ يعني شروعات ڪرڻ ضروري آهي. هڪ ماڻهو درزڪو ڪم سکڻ چاهي ٿو پوءِ ان لاءِ هو ڪيتريون ئي نصيحتون ڇو نہ ٻڌي پر جيستائين هو سلائي مشين تي نہ ويهندو، تيستائين هو درزڪو ڪم نہ سکي سگهندو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
خوش اسلوبي	حسن سلوک	ڳوٺ وارا مهمانن سان خوش اسلوبي سان پيش ايندا آهن.
برداشت	صبر	روزو انسان ۾ برداشت جي سگهه پيدا ڪري ٿو.
قابليت	قابليت	علم حاصل ڪرڻ جو اصل مقصد پاڻ ۾ قابليت پيدا ڪرڻ آهي.
صبر	برداشت	مشڪل وقت ۾ اسان کي صبر ڪرڻ گهرجي.
توڪل	اللہ پر یقین رکھنا	توڪل ڪرڻ هڪ بهترين عمل آهي.
شڪست	ناکامی	مسلمانن جنگ بدر ۾ ڪافرن کي شڪست ڏني.

(د) ضمير استفهام جا جملا

١. ڪهڙو شاگرد غير حاضر آهي؟
٢. بورڊ ڪنهن خراب ڪيو آهي؟
٣. ڪنهن جو ڪتاب چوري ٿيو آهي؟
٤. مهمانن کي اچڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو؟
٥. منهنجو ڪتاب ڪنهن وٽ آهي؟

(هـ) متن پڙهي سوالن جا جواب لکو.

١. ڪاميابي جي لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجي زندگي جو ڍنگ تبديل ڪرڻ لازمي آهي.
٢. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلي آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن بہ الله تعالیٰ کان علم نافع جي لاءِ دعا گهري آهي.
٣. هڪ روسي چوڻي آهي تہ ڪو بہ فيصلو ڪرڻ کان پهرين سئو دفعا سوچيو پوءِ جيڪو فيصلو ڪريو ان تي پختگي سان بيهي رهو.
٤. هميشہ پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ ٻين کان گهٽ نہ سمجهڻ گهرجي.
٥. چوندا آهن تہ مايوسي ڪفر آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا وڃو.

- ڇا اوهان زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي؟ يا ڪنهن کي ڪاميابي حاصل ڪندي ڏٺو آهي؟ اوهان ڪاميابيءَ بابت هڪ ڪهاڻي لکو. جنهن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪيئن ڪئي وئي ۽ بعد ۾ ڪاميابي ڪهڙيءَ ريت حاصل ٿي.
- ڪاميابيءِ ناڪاميءَ جا ڪهڙا سبب آهن؟ ان موضوع تي اسڪول ۾ هڪ تقريري مقابلو منعقد ڪيو وڃي، جنهن ۾ شاگرد حصو وٺي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ ڪاميابيءَ ۾ رڪاوٽن جا سبب بيان ڪندا. پوءِ هڪ رپورٽ تيار ڪري ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ شايع ڪرائي وڃي. اوهان ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو قدم کڻندا؟ هڪ ڪمپيوٽر پيپر تي لکي ايندا.
- سبق جو خلاصو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

سبق نائون

هاري ۽ مزدور (نظم)

سکيا جي حاصلات:

- مقرر يا ليکڪ جي نقط نظر کي پنهنجي تجربي ۽ راءِ سان بيان ڪري سگهي.
- سبق (نظم ۽ نثر) پڙهي سوالن جا مختصر، جامع ۽ تفصيلي جواب لکي سگهي.
- عام موضوعن تي في البديهه منت تقرير ڪري سگهي.
- درست اُچار، مناسب لهجي، تاثرات ۽ اعتماد سان تقرير ڪري سگهي.
- لفظن جي اڪياڻين ۽ پچاڻين کي سمجهي نوان لفظ ٺاهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاٽيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- هارين جي محنت جو قدر ۽ انهن سان محبت جو جذبو دل ۾ پيدا ڪري سگهي.
- اصطلاح سمجهي انهن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ لکي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۳۲ – ۳۴
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا. جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم ۾ ڪنهن جي تعريف بيان ڪئي وئي آهي ۽ ڇو؟
٢. هن نظم جو حاصل مقصد ڇا آهي؟
٣. هن نظم ۾ شاعر پنهنجو تخلص ڪهڙو استعمال ڪيو آهي؟

شاعر جو تعارف

نالياواري عوامي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاولي جو اصل نالو محمد صديق ولد خميصو خان تارڙو هو. سندس جنم ١۴ مارچ ١٩٣٧ع تي ڳوٺ ابراهيم تارڙي سجاول، ضلعي نٽي ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم سجاول ۾ ورتي. سندس پيءُ بنيادي طور هاري هو. شاعريءَ جي ابتدا ١٩٥٧ع کان ڪيائين. شاعريءَ ۾ مولوي احمد ملاح جي شعرن کان متاثر ٿي شاعري ڪرڻ لڳو. سرويچ سجاولي سنڌ جو بهترين عوامي شاعر رهيو آهي، جنهن جي شعرن جي سنڌ جي اڪثر سياسي توڙي ادبي استيجن تي گونجار رهي آهي. هن عروض جي اڪثر صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سرويچ جي شاعري سادي ۽ سنڌ جي نج پهراڙيءَ واري ماحول جي عڪاسي ڪندڙ ۽ قومپرستيءَ واري آهي. سنڌ جي ڪيترن سريلن فنڪارن سندس شاعري، ريڊيو تي. وي ۽ آڊيو ڪئسٽن ۾ ڳائي آهي. سندس هڪ شعري مجموعو "آليون اکيون، اٽيا وار" ١٩٧٢ع ۾ شايع ٿيو. هن شاعريءَ جي نظم، غزل، گيت، لوڪ گيت، وائي، بيت، دوها، قطعا وغيره جهڙين صنفن ۾ لکيو. هن جو ٻيو ڪتاب "ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون"، سندس وفات بعد ٢٠٠٨ع ۾ ڇپيو. سنڌ جي عوامي انقلابي شاعر سرويچ سجاولي ٢٢ آڪٽوبر ٢٠٠٧ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه سندس اباڻي ڳوٺ ابراهيم تارڙو، لڳ سجاول، ضلعي نٽي ۾ آهي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. ڪڇي
٢. صبح شام
٣. ڏينهن
۴. راتِ
۵. مُلڪ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم جي لکندڙ شاعر جو نالو "سرويچ سجاولي" آهي.

۲. پهرين بند ۾ شاعر لکي ٿو ته مزدور بي انتها محنت ٿو ڪري پر ڪيس اهو قدر نه ٿو ڪيو ويڃي، ائين چئجي ته جانور کان بہ ايتري محنت ناهي ڪرائي ويندي جيتري محنت هڪ مزدور ڪري رهيو آهي. غور ڪجي ته مزدور جيڪي ڪجهہ بہ ڪري رهيو آهي ان سان پوري قوم جو فائدو آهي پر افسوس جو مزدور جو ڪو بہ قدر نه آهي.

۳. نظم جي آخري بند ۾ شاعر مزدور بابت لکي ٿو ته مزدور ڏينهن رات مسلسل محنت ڪرڻ جي باوجود بہ خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ ترسندو ٿو رهي. ڪيس اهو اجورو نه ٿو ملي جيڪو ملڻ گهرجي. شال اهو وقت جلدي اچي جو مزدور جو دنيا ۾ قدر ڪيو ويڃي.

۴. هن نظم جو پهريون بند مون کي پسند آهي ڇاڪاڻ ته هن بند ۾ شاعر هاريءَ جي سخت محنت بابت وضاحت ڪندي ان جو قدر ۽ احساس ڪرڻ جي خواهش ٿو ظاهر ڪري.

۵. هن نظم ۾ شاعر هاريءَ جي بي انتها محنت ۽ جدوجهد کي واضع ڪندي لکيو آهي ته هاري مسلسل جدوجهد ڪري اسان جي لاءِ اناج اپائي ٿو ۽ اسين اهو اناج کائي پنهنجو پيٽ گذر ڪيون ٿا پر افسوس جو هاري کي زندگي گذارڻ جون اهي سهوليتون ناهن ملنديون جن جو هو حقدار آهي. هاري جي ته جسم تي بہ پورا ڪپڑا ناهن هوندا هو هميشہ پراٽا ۽ ڦاٽل ڪپڑا پائي زمين تي پنهنجي ڪم ڪار ۾ مصروف هوندو آهي ان دوران کائڻ، پيئڻ ۽ بيماريءَ جي بہ پرواه ناهي ڪندو. ان ڪري اسان کي هاريءَ جي محنت ۽ ان جي عظمت جو قدر ۽ احساس ڪرڻ گهرجي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ناهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
مزدور	کسان	مزدور جو اسان کي قدر ڪرڻ گهرجي.
بارُ	وزن	هاريءَ جي ڪلهن تي وڏو بار رکيل آهي.
ڏانڊُ	بیل	هر هلائڻ لاءِ ڏاند تيار آهن.
ڪوڏارِ	زمین کھودنے کیلئے لوہے کا ایک اوزار (کدال)	ڪوڏر سان زمين کوٽي وئي.
کيڑي	اُگائے	هاري زمين کيڑي ٿو.

(د) اصطلاح

نمبر	اصطلاح	سنڌيءَ ۾ معنيٰ
١	سر ڏئي سرهو ٿيڻ	بهادريءَ سان شهادت ڏيڻ
٢	اوجهڙ ۾ اٽڪڻ	مصيبت ۾ ڦاسڻ
٣	ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ٿيڻ	ٿورو ٿورو ڪري جمع ڪرڻ
۴	کاڏي خرار ڪٽي وڃڻ	بچيل رقم به خرچ ٿي وڃڻ
۵	گهر ۾ ڪوڏي به نه هڻڻ	سُڃائي
٦	جهڳو جهڙ ٿيڻ	گهر تباهه ٿيڻ
٧	پرولي سلڻ	لکيل ڳالهه سمجهڻ
٨	هڙ حاصل نه ٿيڻ	ڪجهه نه ملڻ
٩	ماڻڪن مِينهن وسائڻ	روئڻ

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

سبق ڏهون

سيد ميران محمد شاهه

سکيا جي حاصلات:

- خبرن، ڊرامن ۾ فيچرن کي ٻڌي انهن ۾ آيل اهم نڪتن جو تجزيو ڪري سگهي.
- بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي.
- ايميل وسيلي مختلف فارم پري ۾ موڪلي سگهي.
- اسم يا ضمير جي مختلف حالتن (فاعلي ۽ مفعولي) کي سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- سبق جا جملا آسان لفظن ۾ لکي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٣٥ – ٣٨
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس

ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. سيد ميران محمد شاهه جي والد جو نالو ڇا هو؟
٢. سنڌ کي بمبئيءَ کان ڪڏهن ڌار ڪيو ويو؟
٣. سيد ميران محمد شاهه ابتدائي اکر شناسي ڪنهن کان سکيو؟

حل ٿيل مشق

(الف) مناسب لفظ چونڊي هيٺان جملا مڪمل ڪريو.

١. سياسي
٢. رهاڙِ
٣. شخصي
٤. ١٩٥٧
٥. ٽڪٽ

(ب) سوالن جا جواب:

١. سيد ميران محمد شاهه حيدرآباد ضلعي جي تاريخي ڳوٺ ٽڪٽ ۾ ١٩ مارچ ١٨٩٨ع تي ڄائو.
٢. سيد ميران محمد شاهه ١٩٥٢ع جي آخر ۾ اسپين ۾ هڪ سال لاءِ پاڪستان جو پهريون سفير مقرر ٿيو.
٣. سيد ميران محمد شاهه شاعريءَ ۾ اڪثر "ميرؔ"، "ميران" ۽ "مهجور" تخلص ڪتب آڻيندو هو.
٤. سيد ميران محمد شاهه ١٩٣٢ع ۾ شاهه سائينءَ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس جو بنياد وڌو.
٥. سيد ميران محمد شاهه ١٦ نومبر١٩٦٣ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه ٽڪٽ ۾ آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
انسانيت	انسانیت	علم حاصل ڪرڻ سان انسان ۾ انسانيت پيدا ٿئي ٿي.
شاهڪار	انوکھا	”گنجي ٽڪر جو سير“ هڪ شاهڪار مضمون آهي.
رِهاڙ	محفل	سيد ميران محمد شاھ جا خط ”رهاڙ“ جي نالي سان شايع ٿيل آهن.
هاڪاري	اقراری	شاگردن کان سنڌي ۾ هاڪاري جملا ٺهرايا ويا.
ڪُتُب	استعمال	ڪاڌي پيتي جون شيون هميشہ تازيون ڪتب آڻجن.
خزانو	خزانہ	ملڪ جو خزانو خالي ٿي چڪو آهي.

(د) هيٺ ڏنل عبارت کي بيهڪ جي نشانين سان لکو.

سيد ميران محمد شاھ شاعري پڙ ڪندو هو. شاعريءَ ۾ اڪثر ميران ۽ مهجور تخلص ڪتب آڻيندو هو. هن ڪيترا ئي ادبي مضمون پڙ لکيا، جن ۾ گنجي ٽڪر جو سيرُ سندس ادبي شاهڪار آهي. هن سائين جي ايم سيد کي علم، ادب، تاريخ ۽ سياست بابت ڪيترا ئي خط لکيا، جيڪي خط پڙ هڪ ادبي ۽ تاريخي خزانو آهن.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا وڃو.
- شاگردن کي انٽر نيٽ جي ذريعي ايميل ڪرڻ ۽ گوگل فارم پُر ڪرڻ جو طريقو سمجهايو وڃي. بعد ۾ شاگردن ڏانهن ايميل ذريعي هڪ فارم موڪليو ۽ اهو پُر ڪري واپس موڪلڻ جي هدايت ڪريو.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل ويب سائيٽ تان ڳولا ڪري سيد ميران محمد شاھ جي شخصيت تي 100 لفظن تي مشتمل هڪ مضمون لکو.

سبق يارهون

مصنوعي ذهانت

سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن بہ نثر يا نظم جي سمجهاڻي لکي سگهي.
- ڪنهن بہ اڻ ڇپيل يا ٽيڪنيڪي (ڪمپيوٽر) متن کي نقل ڪري سگهي.
- ٻين جون لکڻيون پڙهي انهن جي ايڊيٽنگ ۽ ترتيب کي سڌاري سگهي.
- اسم يا ضمير جي مختلف حالتن (ندا ۽ جري) کي سمجهي سگهي.
- مذڪر ۽ مؤنث لفظن جو درست استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مستقبل جي آئيندي جو بهتر فيصلو ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٣٩ – ۴٢
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي،

غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. مصنوعي ذهانت جا ڪي به ٿي فائدا ٻڌايو؟
٢. LISP بابت اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
٣. مصنوعي ذهانت جو اصطلاح پهريون ڀيرو ڪنهن ۽ ڪڏهن ٺاهيو؟

حل ٿيل مشق

(الف) صحيح ۽ غلط جملن جي سُڃاڻ ڪريو.

١. انسان
٢. جان ميڪ ڪارٿي
٣. ترجمو
٤. ماڻهن
٥. ڪمال

(ب) سوالن جا جواب:

١. مصنوعي ذهانت، مشين ذريعي سکيا ونڊ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو هڪ قسم آهي.
٢. مصنوعي ذهانت جو باني ڊارٽموت ڪاليج جي هڪ ڪمپيوٽر سائنسدان "جان ميڪ ڪارٿي" ڪي چيو ويندو آهي.
٣. چيٽ جي پي ٽي مصنوعي ذهانت جو هڪ قسم آهي، جيڪو قدرتي ٻولي ٽي عمل ڪري انسانن وانگر ڳاله ٻوله ڪي تخليق ڪري سگهي ٿو. ٻين لفظن ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اسين ڪنهن مشين سان نه بلڪ ڪنهن انسان سان ڳاله ٻوله ڪري رهيا آهيون.
٤. هٿرادو يا مصنوعي ذهانت جا ڪيترائي فائدا آهن، جن ۾ هن جا فهم پريا فيصلا ڪرڻ، اٽڪل ڪم ڪرڻ، بغير ڪنهن غرض ۽ لالچ جي انساني ذهني مونجهارا حل ڪرڻ شامل آهن.
٥. بل گيٽس چيو آهي ته آئنده پنجن سالن ۾ اسان وٽ مصنوعي ذهانت تي مشتمل پنهنجا ذاتي اسسٽنٽس يا ايجنٽس هوندا، جيڪي اسان جي ڪنن ۾ مستقل آواز جي صورت ۾ اسانکي زندگي ۾ درپيش هر مونجهاري بابت آگاهه ڪندا رهندا، جنهن ۾ ٻارن کي موڪلن ۾ ڪٿي گهمائڻ گهرجي کان وٽي دوستي کي ڪيئن قائم رکجي تائين جا حل ٻڌائيندا.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
وسعت	کشادگی	مصنوعي ذهانت ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ وسعت جو ذريعو آهي.
چنڊ چاڑ	چھان بین	عالمن دين جي مسئلن جي چنڊ چاڑ ڪئي.
جوڙجڪ	ترتیب	سماجي تنظيم ۾ پلائي جي ڪمن لاءِ جوڙجڪ ڪرڻ شروع ڪئي.
فهم	شعور	الله تعاليٰ اسان کي ذهن ۽ فهم عطا ڪيو آهي.
برپا	قائم	ملڪ ۾ اسلامي نظام برپا ڪيو ويو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا وڃو.
- گوگل ڇيٽ جي پي ٽي وجي ان تي هڪ عبارت لکي ان جو ترجمو ۽ پروف ريڊنگ ڪري اها عبارت پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.
- انگريزي ڪتاب جي ڪنهن به هڪ سبق جو گوگل ٽرانسليشن ذريعي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيکاريو.
- شاگردن کي ڪمپيوٽر ذريعي سنڌي زبان ۾ ايميل ڪرڻ جو طريقو سمجهايو.

سبق ٻارهون

پورهيتن جو عالمي ڏينهن

سکيا جي حاصلات:

- اسڪول ۾ آس پاس ۾ ٽيندڙ ثقافتي ۽ قومي ڏينهن ملهائڻ وارين تقريبن / پروگرامن جي بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- ڪنهن بہ فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي پنهنجي علم يا مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻڌندڙن آڏو درست اُچار ۽ لهجي سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن منٽن تائين تقرير ڪري سگهي.
- سادي جملي جي ترڪيب ڪري سگهي.
- دفتري حڪم نامن کي پڙهي سگهي.
- سُڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي نشر ٽيندڙ سماجي ۽ ثقافتي پروگرامن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- حالت اضافت سمجهي ان جي جملن جي سُڃاڻ ڪري سگهندا.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ۴۳ – ۴۶
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. پورهيتن جو ڏينهن ڇو ملهايو ويندو آهي؟
٢. هڪ مزدور کي اصولن مطابق گهٽا ڪلاڪ محنت ڪرڻ گهرجي؟
٣. مزدور طبقي جي جهنڊي جو رنگ ڪهڙو آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) صحيح ۽ غلط جملن جي سُجاڻ ڪريو.

١. وچ ڏاري
٢. امير
٣. مزدورن
٤. ١ مئي
٥. ٽيهه لک

(ب) سوالن جا جواب:

١. مشيني دور (صنعتي دور) کان اڳ ماڻهو پنهنجا ڪم پاڻ ڪندا هئا، اهو دور گڏيل اشتراڪيت وارو دور هو جنهن ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور نه هو. ماڻهو نه ڪنهن جا غلام هئا نه ئي وري ڪو امير طبقو هوندو هو. ضرورتن جون شيون گهرن ۾ هٿ سان ٺاهيون ويندیون هيون. متيءَ جا ٺانوءَ پاڻ ئي ٺاهي وڪرو ڪيا ويندا هئا. ڪپڙا پاڻ ئي ٺاهي وڪرو ڪيا ويندا هئا مطلب ته جيڪو کيڙي سو کائي، ماڻهن جون ننڍيون ننڍيون ضرورتون هوندیون هيون جيڪي هو پاڻ ۾ ئي پوريون ڪري ڇڏيندا هئا.
٢. ١ مئي ١٨٨٦ع اهو ڏينهن هو جڏهن پوري آمريڪا جي پورهيت طبقي ۽ شڪاگو جي ماڻهن بغاوت جو جهنڊو لهرايو ۽ روڊن رستن تي نڪري پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ آواز اٺارڻ لڳا.
٣. شڪاگو جي ماڻهن ١ مئي تي بغاوت جو جهنڊو لهرايو هو.
٤. سترهين ۽ ارڙهين صدي جي وچ ڏاري صنعتي انقلاب برپا ٿيو.
٥. مزدورن جي جهنڊي جو رنگ ڳاڙهو آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
پورهيت	مزدور	پورهيت الله جو دوست آهي.
خراج تحسين	خراجِ تحسین	١ مئي تي مزدورن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو.
بغاوت	بغاوت	مزدورن آخر ظلم خلاف بغاوت شروع ڪئي.
محروم	محروم	مزدور هر دور ۾ حقن کان محروم رهيو آهي.
بي قصور	بےقصور	سيما بي قصور آهي.
لاپرواهي	لاپرواہی	گاڏي هلائڻ وقت لا پرواهي نہ ڪرڻ گهرجي.

(د) واحد، جمع ٺاهڻ جا طريقا

اُهي لفظ، جن جي آخري اکر هيٺيان "زير" هجي، انهن جو اُچار مؤنث لفظن ۾ شمار ٿيندو.

جمع ٺاهڻ لاءِ "يون" جو اضافو ڪيو ويندو.

واحد	جمع
ڪارِ	ڪاريون
دالِ	داليون
ولِ	وليون
جنگِ	جنگيون
مکِ	مکيون

(هـ) "پورهيت خدا جو دوست آهي" عنوان تي هڪ مضمون.

پورهيت خدا جو دوست آهي

پورهيت کي الله تعاليٰ پسند فرمايو آهي. جيئن تہ پورهيت انسان ذات جو گڻ آهي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ پورهيت خدا جو دوست آهي. پورهيت جو مطلب آهي مزدوري يا حق حلال جي ڪمائي. پورهيت جي عظمت جو اندازو اسان جي نبي ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي هن حديث پاڪ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ " الڪاسب حبيب الله" پورهيت محنت سان ويران ملڪ کي آباد ۽ خوشحال بڻائي ڇڏي تو. پورهيت انسان جي زندگيءَ ۾ متيءَ مان سون ڪري ڏيکاري ٿي.

پورهيت الله جي حڪمن جي پيروي ڪري ٿو حلال رزق ڪمائي ٿو ان ڪري پورهيت الله تعاليٰ کي پيارو آهي. پورهيت جيڪي حلال جي روزي ڪمائين ٿا، اها انهن جي عبادت آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ حلال روزي ڪمائڻ مسلمانن تي لازم

آهي. ۽ سڀ کان بهترين روزي اها آهي، جيڪا پنهنجي هٿن سان ڪمائي ويجي. اسان سڀني مسلمانن کي اها خبر آهي ته اسان جي نبي سڳوريصَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلىٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به پورهئي کي گهٽ نه پانئيو. پاڻ سڳورنصَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلىٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ واپار ڪيو. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ جا عادي هئا. ٻڪريون چارڻ يا ٻڪريون ڌهڻ، بازار مان گهر جي استعمال جون شيون آڻڻ، ايتري قدر جو پنهنجي ڪپڑن کي پاڻ چتيون هڻندا هئا. تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته دنيا جا وڏا وڏا عالم ۽ الله جا ولي به پورهيو ڪري پنهنجو گذر ڪندا هئا. مشهور اصحابي حضرت صهيبؓ (رومي) هڪ لوهار هو. حضرت ابو بڪر صديقؓ خلافت جي وقت تائين ڪپڑن جي ڳنڍ ڪلهن تي رکي گهٽين ۾ وڪڻندو هو. اسان جي مذهب اسلام ۾ محنت نه ڪرڻ واري کي سخت لفظن ۾ نندیو ويو آهي. ٻين جو مال غصب ڪرڻ، ٻين جو استحصال ڪرڻ، رشوت، چوري، ٺڳي ۽ ذخيره اندوزي ڪري ترقي ڪرڻ کي اسلام حرام قرار ڏنو آهي. اهڙن ماڻهن کي اسلام ۾ انسان ذات جو دشمن چيو ويو آهي. ان جي بر عڪس پورهيت لاءِ پاڻ سڳورنصَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلىٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي ته "جنهن ماڻهوءَ حلال طريقي سان روزي ڪمائي، محنت ۽ پورهيو ڪيو ڪنهن جي آڏو هٿ نه ٽنگيو ۽ اهڙي آمدنيءَ مان پنهنجي ٻچن جي پالنا ڪئي اهو انسان الله تعاليٰ سان ان حال ۾ ملندو جو سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان چمڪندو". سنڌ جي سدا ملوڪ شاعر حضرت شاهه عبد اللطيف ڀٽائيؒ به محنت جي عظمت کي پنهنجي ڪلام ۾ خاص جڳهه ڏني آهي.

تتي ٽڏيءَ کاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٽيئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا ويجو.
- 1 مئي واري ڏينهن اسڪول ۾ هڪ تقريب منعقد ڪري مزدورن کي خراج تحسين پيش ڪندي انهن جي حقن بابت، مزدورن جي محنت ۽ سندن اهميت بابت هڪ تقرير تيار ڪري پڙهندا.
- شاگردن کي 1 مئي واري واقعي بابت ڄاڻ ڏني ويندي. بعد ۾ سبق جو اعلان ڪندي بلند خواني ڪئي ويندي. هاريءَ جي محنت بابت سمجهايو ويجي.

سبق تيرهون

سنڌڙي وطن اسان جو

سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن بہ ماڳ مڪان جو احوال سفر نامي ۾ لکي سگهي.
- پسنديدگي ۽ تنقيدي حوالي سان ڪنهن بہ نظم جو تنقيدي جائزو ونڊي خوبين ۽ خامين کي بيان ڪري سگهي.
- ڪهاڻي، ڊرامي، مضمون ۽ نظم وغيره ۾ ليکڪ جي مقصد ۽ بيان جي ڍانءَ کي سمجهي پڙهي سگهي.
- فنون لطيفہ جي شه پارن، تصويرن، عمارتن ۽ آرٽ وغيره تي پسنديدگي ۽ تنقيد ڪري سگهي.
- فعل لازمي ۽ متعدي کي مثالن سان سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- وطن جي محبت جو جذبو دل ۾ پيدا ڪري سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۴۷ – ۴۹
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا. جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم ۾ لفظ ''سرور'' جي معنيٰ ڇا آهي؟
٢. هن نظم ۾ شاعر سنڌ جي ڪهڙين ڪهڙين شين جي تعريف بيان ڪئي آهي؟
٣. هن نظم ۾ شاعر پنهنجو تخلص ڪهڙو استعمال ڪيو آهي؟

شاعر جو تعارف

هن نظم جي شاعر جو نالو فقير غلام علي آهي ۽ سندس تخلص ''مسرور'' آهي. فقير غلام علي جي والد جو نالو ميان رحيم بخش ۽ ذات بدوي (احمداڻي) آهي. سندس ولادت ٢٦ ذوالحج ١٣١٠ هجري مطابق پهرين جولاءِ ١٨٩٤ عيسوي تي جمعي جي ڏينهن شڪارپور سنڌ ۾ ٿي. فقير غلام علي سنڌي زبان جو هڪ نامياروشاعر ٿي گذريو آهي. فقير غلام علي ''مسرور'' جو هي نظم فيبروري ١٩٤٥ع تي ماهوار ''اديب سنڌ'' لاڙڪاڻو جي شماري ۾ شايع ٿيو. سندس شعر ۾ فن ۽ فڪر جي گهرائي آهي. ڪيترائي نظم لکيا اٿس. ١٩ آگسٽ ١٩٥٣ع مطابق ٨ ذوالحج ١٣٧٢ هجريءَ تي صبح جو ستين وڳي ڏنڊي آدم ويجهو ڳوٺ شهڪ مريءَ ۾ دم ڏٺيءَ حوالي ڪيائين. ڪيس شڪارپور جي آبائي قبرستان جي لحد ۾ لاٿو ويو.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. هِي سنتري
٢. اِنَ پَر
٣. سنڌُو ندي
٤. ٻنهي ڪُلهن پر
٥. هن ملڪ

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم جي شاعر جو نالو فقير غلام علي ''مسرور'' آهي.
٢. هن شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته سڀ کان پهريون علم جي شروعات ۾ سنڌ جي سونهاري سرزمين کان ٿي، دنيا ۾ سڀ کان اڳ قران پاڪ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو اهو ۾ سنڌ کي اعزاز حاصل آهي ۽ سنڌ کي باب الاسلام ۾ چيو وڃي ٿو ان ڪري سنڌ هر شعوري ڪم ۾ سڀ کان اڳري ئي رهي آهي.

۳. آخري شعر ۾ شاعر پنهنجو تخلص (مسرور) استعمال ڪندي لکي ٿو ته اي رب ڪريم آءٌ هٿڙا کٹي دعا ٿو گهران ته منهنجو هي سنڌ جي شان ۾ لکيل گيت بزرگ توڙي ٻار هر گهر ۾ ڳائيندا رهن ته سنڌڙي وطن اسان جو آهي. .

۴. هن نظم جو پهريون شعر مونکي پسند آهي ڇاڪاڻ ته هن شعر ۾ شاعر سنڌڙيءَ جي ساراه بيان ڪندي لکي ٿو ته سڄي دنيا ۾ سڀ کان بهتر آهي ته اسان جي سهڻي سنڌ آهي. شالا اسان جو سهڻو وطن هميشہ مڪمل هجي ۽ آباد هجي.

۵. هن نظم ۾ شاعر پنهنجي وطن سنڌ جي ساراه بيان ڪندي سنڌ جي سرزمين جي شهرن، ڳوٺن، پهاڙن، سنڌو درياه ۽ سنڌ واسين جو ذڪر ڪيو آهي. هن نظم ۾ شاعر نہ رڳو سنڌڙي وطن جي ساراه ٿو ڪري بلڪ سنڌ جي سرزمين هميشہ سرسبز ۽ آباد رهڻ، سنڌ واسين جو پاڻ ۾ اتحاد ۽ محبت برقرار رهڻ جي دعا ٿو گهري.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
شالا	کاش	شالا! سنڌڙي هميشہ آباد ۽ دلشاد رهي.
سروسر	مکمل	شالا هجي سروسر، سنڌڙي وطن اسان جو.
سونهاري	خوبصورت	اسان جي سونهاري سنڌ تمام خوبصورت آهي.
اڳرو	اول / نمايان	ڪلاس ۾ احمد جو ڪردار سڀ کان اڳرو آهي.
رهاڪو	رهنے والا	اسين ڪراچي جا رهاڪو آهيون.
دعا	دعا	نماز کان پوءِ دعا گهرڻ لازمي آهي.

(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
سڄو	اڈُ	آخر	اول
مالڪ	نوڪر	اُڇا	سادا
تعريف	گلا/ بُرائي	ڏيهي	پر ڏيهي

قطعو

سنڌي شاعريءَ جي عروضي صنف آهي. قطعو عربي ٻوليءَ جي لفظ " قطع " مان نڪتل آهي. قطعي جي معنيٰ آهي ٻڳل، ڌار ڪيل. هن ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ شعر هوندا آهن. مطلب ته قطعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ بند هوندا آهن ۽ وڌ ۾ وڌ جي ڪا بہ حد نہ آهي. قطعي جون پهريون ٻہ سِٽون هم قافيہ نہ هونديون آهن. قافيو هر بند جي آخري مصرعي ۾ ٿيندو آهي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

سبق چوڏهون

بہ تہ بارهن

سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن بہ موضوع تي ڳالهائڻ وقت عام اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوٽين کي ڪُتب آڻي سگهي.
- ڪنهن بہ تحرير ۾ اصطلاحن، محاورن، چوٽين ۽ پهاڪن جي مناسب استعمال تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- اخبارن ۽ رسالن جي متن کي روزاني زندگيءَ جي حوالي سان سمجهي سگهي ۽ انهن بابت ٻين سان ڳاله ٻوله ڪري سگهي.
- مجهول ۽ معروف جملن کي هڪ ٻئي ۾ تبديل ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۵۰ – ۵۳
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي،

غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڇ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. اتحاد جي معنيٰ ڇا آهي؟
٢. اتحاد بابت ڪي به ٻه چوٽيون ٻڌايو؟
٣. قدرت جو اصل اصول ڪهڙي بنياد تي جڙيل آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. سمنڊ
٢. اتحاد
٣. ڇپر
٤. پڪيئڙن
٥. مضبوطي

(ب) سوالن جا جواب:

١. جنهن قوم ۾ اتحاد نه آهي اها قوم دنيا ۾ ناڪام رهي ٿي ۽ سندس نالو نشان دنيا ۽ تاريخ مان متجي وڃي ٿو.
٢. سنڌ ڌرتيءَ جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ٻه پنهنجي ڪلام ۾ ايڪي ۽ اتحاد لاءِ فرمائي ٿو ته:
ولر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پڪيئڙن ماڻهائان ميٺ گهٽو.
٣. اتحاد بابت ٻه چوٽيون هيٺ ڏجن ٿيون.
(الف) ماکيءَ جون مکيون، پاڻ ۾ اتحاد ڪري، ڪٺان ڪٺان وڃي، گلن جو رس چوسي اچن ٿيون ۽ گڏجي هڪ مانارو ناهين ٿيون پوءِ ڪيتري نه مني ماکي نهي پوي ٿي.
(ب) ڪِوليون جڏهن ڪنهن جاءِ تي پنهنجي غذا ڏسنديون آهن ته سڀ گڏجي هڪ قطار ۾ هلنديءَ ان جاءِ تي پهچي گڏجي پنهنجو پيٽ پريندیون آهن.
٤. اسان کي گهرجي ته هڪ مضبوط قوم ٿيڻ لاءِ هر تعصب، حسد، نفرت ۽ انتشار کان آجا ٿيون، پنهنجي ضمير مطابق هلون، سيني کي پنهنجو سمجهون، بنا ڪنهن فرق جي هر هڪ سان پيار ڪيون، ڪنهن لاءِ به غلط نه سوچون، جيڪڏهن ائين ڪنداسين ته اسان جي قوم ۽ اسان جو ملڪ اهر فولادي قلعو ثابت سگهي ٿو. جنهن

کي اورانگهڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي طاقتن لاءِ به مشڪل ۽ ناممڪن ٿي ويندو.

۵. هن سبق مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي ته دنيا ۾ ڪو به ڪم اتحاد کان سواءِ ناممڪن آهي ان ڪري اسان کي گهرجي ته پاڻ ۾ اتحاد جي قوت پيدا ڪريون.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
تخريب	تباهي	تخريب ڪاري هڪ غلط عمل آهي.
انتشار	الجهن	انتشار پيدا ڪرڻ سان جاني ۽ مالي نقصان ٿي سگهي ٿو.
اتحاد	اتحاد	اتحاد ۾ وڏي طاقت آهي.
ڪلام	شاعري	شاهه جو ڪلام تصوف جي رنگ ۾ رڱيل آهي.
مشڪل	مشڪل	دنيا جو ڪو به ڪم مشڪل نه آهي.
مستحڪم	مضبوط	پاڪستان هڪ مستحڪم مملڪت آهي.

(د) مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ

۱. چور کي سزا ڏني وئي. مؤنث

۲. مسجد ۾ دعا گهري وئي. مؤنث

۳. هوا ڏاڍي تڏي گهلي پئي. مؤنث

۴. منهنجي نماز قضا ٿي وئي. مؤنث

۵. اڄ فِضا اسڪول نه وئي آهي. مؤنث

(ه) جملن کي مجهول جملن ۾ تبديلي

۱. اسڪول ويجبو

۲. ماني کائبي.

(و) جملن کي معروف جملن ۾ تبديلي

۱. اسان ڪار هلائيندا سين.

۲. هو ڪلاس ۾ پڙهي ٿو پيو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

- هڪ ڊائري ناهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا ويجو.
- اتحاد بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي چوٽيون آهن، انهن مان ڪي بہ ڏهہ چوٽيون ڪاپيءَ ۾ لکي اچو.
- اخبار، رسالي يا گوگل تان مزاحيہ ڪهاڻي، لطيفا ۽ ڇجهارتون پاڻ وٽ ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪري انهن ۾ موجود اصطلاح، چوٽيون ۽ پهاڪا ڌار لکي ڪلاس ۾ سڀني شاگردن کي ٻڌائي انهن جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندا.
- سبق "ہہ تہ ٻارهن" جو مرڪزي خيال پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.

سبق پندرهون

کارونجهر جبل

سکيا جي حاصلات:

- روزمره جي گهرجن بابت گفتگو ڪري سگهي.
- مضمون جي جُزن کي سامهون رکندي پنهنجن مشاهدن، معلومات ۽ تاثرات کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن عبارتن ۾ لکي سگهي.
- صفت جي قسمن ۽ ان جي درجن کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- فطرت جي منظرن بابت پنهنجي احساسن ۽ جذبن جو اظهار ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- صفت جي وصف سمجهي ان جي لفظن جي سُڃاڻ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٥٤ – ٥٧
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. تيرٿ لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟
٢. ڪوئنر ڪهڙي ٻوٽيءَ مان ٺهندو آهي؟
٣. ڪارونجهر جبل جي چوڌاري ڪهڙيون وسنديون موجود آهن؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. ٽڪرين
٢. آستان
٣. ٿَلهو
۴. ڪولهي
۵. ڪشمير

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪارونجهر جبل سنڌ جي اوپارين، ڏاکڻي سرحد تي ضلعي ٿرپارڪر جي تعلقي ننگرپارڪر ۾ واقع آهي.
٢. ڪارونجهر جي مٿانهين چوٽي سمنڊ جي سطح کان هڪ هزار فوٽ مٿي آهي. ان چوٽيءَ کي "تروٽ جي چوٽي" سڏيو ويجي ٿو.
٣. ساڻ ڏرو تيرٿ نالي هندن جو ڏرمي آستان ڪارونجهر جبل جي پرسان آهي.
۴. ڪارونجهر جبل ۾ کيرٿر وانگي ٽڪرين جو هڪ سلسلو آهي، اهي سڀ ٽڪريون گرينائيٽ پٿر جون آهن.

١. چٽيزن جي ٽڪري
٢. راڻ پورجي ٽڪري
٣. ساڏوٽوس جي ٽڪري
۴. ڊيڊ ويري جي ٽڪري
۵. ڏاتي جي ٽڪري
٦. چوڙيءَ جي ٽڪري
٧. پورائي جي ٽڪري
٨. ڪارس جي ٽڪري
٩. ساڪري ويري جي ٽڪري

۵. ڪارونجهر جبل جي ڊيگهه ٢٦ ڪلو ميٽر آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
شاهڪار	کارنامہ	شاھ جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ شاهڪار ڪتاب آهي.
آستان	جگہ	سنڌ ۾ هندن جا ڪيترائي آستان موجود آهن.
ماڳ	جگہ/مقام	ٻن مهينن کان پوءِ اسين پنهنجي ماڳ تي پهتا سين.
مقامي	مقامی	سماجي تنظيم پاران مقامي ماڻهن جي مالي مدد ڪئي وئي.
ڪچ	زیادہ/بہت	ڪچ عرصي کان پوءِ برسات پئي آهي.
مهمان نوازي	مہمان نوازی	ڪوٽ وارن جي مهمان نوازي دنيا ۾ مشهور آهي.

(د) صفت جا جملا

١. دانيال هوشيار ڇوڪرو آهي.
٢. هيءُ پارڪ تمام سُنو ٿهيل آهي.
٣. انب ڏاڍو ڪٽو آهي.
٤. هيءُ ڇوڪرو سياڻو آهي.
٥. اسلم جو ڪمرو تمام گندو آهي.

(ھ) واحد ۽ جمع

واحد	جمع
دوا	دوائون
دعا	دعائون
سزا	سزائون
وبا	وبائون
رضا	رضائون

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هڪ ڊائري ٺاهيو جنهن ۾ روزانو جي بنياد تي تمام شيون نوٽ ڪندا وڃو.
- روپلو ڪولهي ڪير هو، گوگل تان ڳولا ڪري ان بابت معلومات هڪ ڪاغذ تي لکي اڇو.
- "فطرت جا منظر" تي هڪ مضمون لکو.

سبق سورهون

عمر مارئي

سکيا جي حاصلات:

- ڪهاڻيون، ڊراما، واقعا، تقريرون ۾ اعلان ٻڌي انهن جو تجزيو ڪري راءِ ڏئي سگهي.
- ڪهاڻي پڙهي ان جو نتيجو ڪڍي لکي سگهي ۽ ان تي پنهنجي راءِ لکي سگهي.
- پنهنجين لکڻين کي با معنيٰ بنائڻ لاءِ محاورن ۽ چوڻين جو بر وقت استعمال ڪري سگهي.
- لائبريري ۾ ڊجيٽل لائبريريءَ بابت ڄاڻ ۽ ان جو استعمال ڪري سگهي.
- ڪهاڻي پڙهي/ ٻڌي نتيجن تي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- ڊراموڏسي/ پڙهي ان جي ڪردارن تي راءِ ڏئي سگهي.
- ڪنهن ڊرامي يا فيچر بابت پنهنجي راءِ لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٥٨ - ٦١
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. ڪِن بہ ٽن لوڪ ڪهاڻين جا نالا ٻڌايو؟
٢. عمر سومرو ڪنهن جو پُٽُ هو؟
٣. هن لوڪ ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟
۴. عمر مارئي جو قصو ڪهڙي دور جو قصو آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

١. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
٢. وطن جي حب
٣. حاڪم
۴. عمر ڪوٽ
۵. ڪا لهس

(ب) سوالن جا جواب:

١. عمر مارئي جو داستان سومرن جي دور سان تعلق رکي ٿو.
٢. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ "سُر مارئي" ۾ عمر مارئي جي قصي جو ذڪر ڪيو آهي
٣. قوڳ ۽ مارئي هڪ ئي ڳوٺ جا رهاڪو هئا. هڪ ڏينهن قوڳ، مارئي جو سڳ سندس مائٽن کان گهريو. پر مارئي جي مائٽن اهو سڳ پنهنجي عزيزن مان هڪ کي ڏئي ڇڏيو. پوءِ اهو قوڳ فريادي ٿي عمر سومري وٽ دانهن ڪڍي ويو.
۴. عمر سومري، مارئيءَ کي هڪ سال عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪري رکيو.
۵. مارئي جي پرکا ونڊ لاءِ سيني گڏجي مڇ ٻاريو. مارئي پنهنجي پروردگار جي آسري تي باهه جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين ٽاندن مٽان اکري وئي ۽ ان جو وار بہ وِنگو نہ ٿيو.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
عادل	انصاف کرنے والا	حضرت عمرؓ وقت جو بهترين عادل هو.
روايت	رسم	مهمان نوازي سنڌ جي ماڻهن جي پراڻي روايت آهي.
سيرت	کردار	انسان جي صورت کان وڌيڪ سيرت بهتر هجڻ گهرجي.
سُلجهڻي	سمجهدار	مارئي ننڍي پڻ کان ڏاڍي سُلجهڻي ۽ سادي هئي.
ملامت	تهمت/ الزام	مارئيءَ تان نيٺ ملامت لهي وئي.
پاڪدامني	پاکيزه	بيبي عائشهؓ پاڪدامنيءَ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئي.

(د) مذڪر ۽ مؤنث

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
نانو	نانيِ	سياڻو	سياڻي
مامو	مامي	درزي	درزياڻي
راڻو	راڻي	موچي	موچياڻي

(هـ) سبق جو خلاصو

عمر ۽ مارئي جو داستان وطن جي حب ۽ سچائيءَ جو داستان آهي. مارئي ننڍي هوندي کان ئي سهڻي سيبتي، سلجهڻي ۽ سهڻي سيرت جي مالڪياڻي هئي. مارئي هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکندي هئي، هڪ ڏينهن ڦوڳ ، مارئي جو سڳ سندس مائٽن کان گهريو. پر مارئي جي مائٽن اهو سڳ پنهنجي عزيزن مان هڪ کي ڏئي ڇڏيو. پوءِ اهو ڦوڳ فريادي ٿي عمر سومري وٽ دانهن ڪٽي ويو. توهان مارئي کي پنهنجي محل جي راڻي بڻايوس. عمر هڪڙي تکي اُٺ تي سوار ٿي، مارن جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. عمر سومري پنهنجي ڏاڍ ۽ طاقت جي زور تي مارئيءَ کي اچي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو.

عمر جي طرفان ڪيس سونا زيور، ڪپڙا ۽ عاليشان ڪاڌا، نوڪرياڻيون ۽ طرح طرح جون آسائشون ڏنيون ويون پر مارئي ڪنهن بہ ڳالهہ تي راضي نہ ٿي. هڪ سال بعد سندس ماروئڙن کي گهرائي مارئي انهن جي حوالي ڪيائين ۽ ڪيس مارئي جي پاڪدامن هجڻ جي بہ تسلي ڏنائين. جڏهن مارئي پنهنجي وطن ملير پهتي تہ ان جي مڳيندي جي ذهن ۾ شڪ طور وِسوسا ختم نہ پئي ٿيا. هڪڙي ڏينهن اها خبر عمر کي پئي، جنهن تي ڪيس تڪليف پهتي تہ مارئيءَ جي پاڪدامني ۽ رتُ جي رشتن ساڻ سچائي ۽ مخلصيءَ جو انهن کي ڪو بہ قدر ۽ احساس ڪونهي! سو ڪاوڙجي هڪ وڏو لشڪر ماروئڙن تي چاڙهيائين.

مارئي پنهجي قبيلي جي ماڻهن کي دلداري ڏئي کي وڏڙيون عورتون پاڻ سان گڏ وٺي عمر جي خدمت ۾ پهتي، جتي عمر کي چيائين ته جيڪڏهن تون اهڙو ڪم نه ڪرين ها ته ڪير توکي برويلو چئي ها ۽ چو منهنجو مڱيندو مون کان شڪي رهي ها؟ انصاف ڪر ته ان ۾ ڏوهه ڪنهن جو آهي؟ '' مارئي جي اها ڳالهه دل سان ٻڌندي عمر کي ڏاڍو افسوس ٿيو. عمر مارئي جي مڱيندي اڳيان قسم کنيو. جيئن ان جي دل مان غير نڪري وڃي. پوءِ مارئي جي پرکا ونڊ لاءِ سيني گڏجي مچ ٻاريو. مارئي پنهنجي پروردگار جي آسري تي باهه جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ٽاندن مٿان اڪري وئي ۽ ان جو وار به ونگو نه ٿيو ۽ مارئي جي مڱيندي جي دل به صاف ٿي وئي.

(و) متن پڙهي سوالن جا جواب لکو.

عمر سومري پنهنجي ڏاڍ ۽ طاقت جي زور تي مارئيءَ کي اچي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو. جڏهن مارئي پنهنجي وطن ملير پهتي ته ان جي مڱيندي جي ذهن ۾ شڪ طور وِسوسا ختم نه پئي ٿيا. عمر مارئيءَ جو قصو سومرن جي دورسان تعلق رکي ٿو. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون يا قصا سانيڙ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو تمام اهم ۽ قابل تعريف ڪم ٿيل آهي.

١. عمر سومري پنهنجي ڏاڍ ۽ طاقت جي زور تي مارئيءَ کي ڪٿي قيد ڪيو؟

جواب: عمر سومري پنهنجي ڏاڍ ۽ طاقت جي زور تي مارئيءَ کي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو.

٢. جڏهن مارئي پنهنجي وطن ملير پهتي ته ڪنهن جي ذهن ۾ شڪ طور وِسوسا ختم نه پئي ٿيا؟

جواب: جڏهن مارئي پنهنجي وطن ملير پهتي ته سندس مڱيندي جي ذهن ۾ شڪ طور وِسوسا ختم نه پئي ٿيا.

٣. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون يا قصا سانيڙ ۾ ڪنهن جو اهم ڪردار آهي؟

جواب: سنڌي لوڪ ڪهاڻيون يا قصا سانيڙ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪردار اهم آهي.

٤. عمر مارئيءَ جو قصو ڪهڙي دورسان تعلق رکي ٿو؟

جواب: عمر مارئي جو قصو سومرن جي دور جو قصو آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هن ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ کان پوءِ اوهان کا به هڪ ڪهاڻي لکو. جنهن ۾ اصطلاح، پهاڪا ۽ چوٽيون پڻ استعمال ڪريو. اها ڪهاڻي ڪلاس ۾ سيني شاگردن آڏو پڙهي ٻڌايو. آخر ۾ ان ڪهاڻيءَ جي خوبين ۽ خامين تي تبصرو ڪريو.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل تان شاهه جو رسالو جي "سُر مارئي" جا ڪي به پنج بيت پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.

سبق سترهون

سُر سُريراڳ

سکيا جي حاصلات:

- مفرد ۽ مرڪب جملا زمان حال ۽ ماضي (متشڪي ۽ مدامي) موجب جملا جوڙي سگهي.
- شاھ عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ ڏنل منظرن کي تصويري شڪل ۾ ٺاهي سگهي.
- بي ترتيب جملن جي لفظن کي (حال ۽ ماضي) مدامي ۽ متشڪيءَ موجب درست ترتيب ڏئي سگهي.
- زمان حال ۽ ماضي (متشڪي ۽ مدامي) موجب مختلف قسمن جا جملا بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) بدلائي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجھاٽيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- وطن جي محبت جو جذبو دل ۾ پيدا ڪري سگهي.
- شاھ عبداللطيف جي شاعريءَ جي ڪتاب "شاھ جو رسالو" جي سُرن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٦٢ - ٦٤
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراھ ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. لفظ "سُريراڳ" جي معنيٰ ڇا آهي؟
٢. شاهه جو رسالو ۾ ڪُل ڪيترا سُر آهن؟
٣. هن نظم جو حاصل مقصد ڇا آهي؟

شاعر جو تعارف

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ متياري ضلعي جي ڀٽين پور ڳوٺ ۾ ١١٠٢هجري / ١٦٨٩ عيسوي ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو شاهه حبيب هو. شاهه حبيب جي وفات کانپوءِ، شاهه عبد اللطيفؒ پٽ شاهه کي پنهنجو مسڪن بڻايو. شاهه صاحب سان تي ڪتاب سدائين ساڻ هوندا هئا. قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو. "شاهه جو رسالو" سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جو عظيم دستاويز آهي. شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري گهرائي سيني کان نرالي آهي. سندس ڪلام ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. شاهه صاحب سڃيءَ سنڌ جو پيرين پيادو سير سفر ڪيو. ۽ عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو مشاهدو ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ پلٽيائين. شاهه عبد اللطيف ڀٽائيؒ ١٤ صفر١١٦٥ هجري / ١٧٥٢ عيسوي تي وفات ڪئي.

حل ٿيل مشق

(الف) مڪمل مصرعه

١. حاجَ
٢. پَرُوڙِين
٣. رَدِ
٤. جَواهِرُ
٥. سِيهي

(ب) سوالن جا جواب:

١. هي بيت شاهه جو رسالو جي سُر "سُريراڳ" مان ورتل آهي.
٢. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي قادر مان مراد الله آهي.
٣. هن بيت ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ فرمائي ٿو ته جيڪي انسان نيڪ عمل ڪندا آهن انهن کي الله تعاليٰ نيڪيءَ جي بدلي هر موڙ تي خوشخبري ڏيندو آهي، باقي جن جي فطرت ۾ برائي ڪرڻ ۽ غلط ڪرڻ هوندو آهي انهن سان نيت مطابق اهو ئي ڪجهه ٿيندو آهي جيڪي هو ٻين ساڻ ڪندا آهن.

۴. هن بيت ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ لکيو آهي تہ جيڪي انسان الله جي رضا خاطر انسانن سان پلائي ڪن ٿا، مشڪل وقت ۾ انهن جي ڪم اچن ٿا، الله جي ذات انهن کي دنيا ۾ ئي اجر عطا ڪري ٿي. باقي جيڪي انسان پنهنجي مفادن ۽ خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ انسانن جي دل آزاري ڪن ٿا اهي زندگيءَ جي هر موڙ تي ذليل ۽ خوار ٿين ٿا اهي ڪڏهن ڪامياب ناهن ٿيندا.

۵. هن نظم ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي تہ جيڪي انسان ٻين جو ڀلو چاهين ٿا اهي دنيا ۽ آخرت ۾ هر صورت ۾ ڪامياب ٿيندا ۽ جيڪي انسان پنهنجي مطلب ۽ مفاد خاطر ٻين انسانن جي دل آزاري ڪن ٿا، ٻين کي تڪليف پهچائين ٿا اهي ڪڏهن بہ نہ ڪامياب ٿيا آهن ۽ نہ ئي ٿيندا انهن جي لاءِ دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ رسوائي ۽ نقصان لکيل آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
هيرا	ہیرا	هيرا ۽ موتي تمام قيمتي آهن.
ماٹَڪَ	موتی	مون کي سمنڊ ڪناري ماٹَڪ موتي نظر آيا.
آڇ	دعوت	دوستن مونکي پڪنڪ تي هلڻ جي آڇ ڪئي.
ڪرم	کرم	الله سائين مشڪل وقت ۾ خاص ڪرم ڪندو.
تحقيق	تحقیق/ چھان بین	هر ٻڌل ٻگاله جي تحقيق ڪرڻ هڪ بهتر عمل آهي.

(د) ڏنل قسمن جي مطابق جملا

۱. مُرڪ اخبار پڙهندي هوندي.

۲. احمد راند کيڏندو هوندو.

۳. طيبہ نماز پڙهندي هوندي.

۴. پارس ماني کائيندي هوندي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي هن بيت ۾ بيان ڪيل منظر نگاري کي تصويري شڪل ۾ ٺاهيو.
- شاھ جو رسالو بابت گوگل تان معلومات حاصل ڪري ڪمپيوٽر جي ٻن صفحن تي لکي اچو.

سبق ارڙهون

بي مثال شاگردُ

سکيا جي حاصلات:

- ڪهاڻي ٻڌي ان جي ڪردارن ۾ مرڪزي خيال بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- عبارت ۾ ڏنل بيهڪ جي نشانين مطابق درست لهجي، ادائيگي ۽ آواز جي لاهه چاڙهه ۾ روانيءَ سان پڙهي سگهي.
- پسنديدگي ۾ تنقيدي سطح جي تياري لاءِ ڪنهن تحرير (نثر) جو خلاصو لکي يا اهم نڪتا بيان ڪري سگهي.
- ڪنهن به تحرير جو تنقيدي جائزو وٺي خلاصو يا نڪتا بيان ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڙ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر ۾ مؤنث لفظن جي سُجاڙ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٦٥ – ٦٨
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس

ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. نديم پنهنجي خيالن جو ڪهڙو اظهار ڪيو؟
٢. پارس زندگيءَ ۾ ڇا پئي ٿيڻ چاهيو؟
٣. بي مثال شاگرد جون ڪي به ٽي خوبيون ٻڌايو؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. بي مثال شاگرد
٢. انسانيت
٣. رحم ڪائو
۴. نصيحت
۵. هنر

(ب) سوالن جا جواب:

١. اسڪول جي پاران هر سومر تي ڪلاس ٽيچر پهرين پيريڊ ۾ شاگردن کي تربيت طور اخلاقيات تي درس نهايت ناصحاڻي ۽ شفقت واري انداز ۾ ڏيندو هو.
٢. استاد بورڊ تي جملو لکيو "بي مثال شاگرد".
٣. شاگردياڻي مرڪ چيو ته آءٌ قرآن پاڪ جي حافظه آهيان ۽ ميٽرڪ کان پوءِ عالمه جو ڪورس ڪري دين جي مطابق عملي زندگي گذاريندیس.
۴. شاگرد وحيد چيو ته آءٌ قانون جي ڊگري حاصل ڪري وڪالت ڪندس ۽ اڳتي هلي جج ٿي ماڻهن کي انصاف ڏيارينديس.
۵. سنيتا چيو ته آءٌ وڏي ٿي ميڊيا ۾ ڪم ڪنديس، مجبور، بيوس ۽ لاچار انسانن جي حقن لاءِ آواز اٺاريندیس.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
درس	درس	مسجد ۾ نماز بابت پيش امام درس ڏنو.
اخلاقيات	اخلاقيات	اسان کي استاد هميشہ اخلاقيات تي سمجھاڻي ڏيندا رهندا آهن.
ٻانهَ ٻيلي	مددگار	اولاد کي پنهنجي والدين جو ٻانهَ ٻيلي ٿيڻ گھرجي.
انسانيت	انسانيت	انسان ۾ انسانيت جو احساس هجڻ لازمي آهي.
حسد	حسد	حسد ڪرڻ سٺي عادت نہ آهي.
ورتاءُ	برتاؤ	پاڙيوارن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ گھر جي.

(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
پلي	بُري	نئون	پراڻو
خاص	عام	قديم	جديد
مرڻ	جيئڻ	بلندي	پستي

(هـ) سبق جو خلاصو

سومر جو ڏينهن هو. اسڪول جي اسيمبلي ختم ٿيڻ بعد شاگرد قطارن ۾ نظم ۽ ضبط جو خيال ڪندي پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ۾ وڃي پهتا. اسڪول جي پاران هر سومر تي ڪلاس ٽيچر پهرين پيريڊ ۾ شاگردن کي تربيت طور اخلاقيات تي درس ڏيندو آهي.

استاد بورڊ تي مارڪر سان هڪ جملو "بي مثال شاگرد" لکي، شاگردن سان مخاطب ٿيندي چيو تہ. اڄ اسان جو تربيتي عنوان آهي "بي مثال شاگرد". اوهان سڀ علم ان ڪري پرائي رهيا آهيو تہ اوهان علم حاصل ڪري زندگيءَ ۾ ڪو مقام ۽ رُتبو حاصل ڪيو. ان لاءِ هر هڪ شاگرد جي ذهن ۾ ڪا نہ ڪا خواهش سمايل هوندي آهي، جنهن تحت هر ڪو علم جي روشنيءَ سان پاڻ کي روشناس ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي. سڀ کان پهريون اوهان ٻڌائيندا تہ اوهان علم پرائي وڏا ڦي ڇا ٿا ٿيڻ چاهيو؟. سيني شاگردن پنهنجا پنهنجا ويچار وڌيا. آخر ۾ استاد چيو تہ واهہ واهہ! تمام بهترين. اوهان سيني جون ڳالهيون ٻڌي بيحد خوشي ٿي. اوهان سڀ پنهنجي دِل ۾ سُٺي سوچ ۽ سُٺو جذبو رکو ٿا.

ٻارو، اوهان سيني جون ڳالهيون تہ ٻڌيون، هاڻي آءٌ اوهان کي ڪجهہ ٻڌائڻ ٿو چاهيان. اوهان زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ بہ ٿيڻ چاهيو ٿا، هڪ استاد جي حيثيت سان منهنجي دِلي دعا آهي تہ اوهين پنهنجي پنهنجي مقصد ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا ۽ منزل ماڻيندا.

سيني شاگردن گڈجي چيو. آمين.

ان لاءِ جيڪڏهن اوهان بي مثال شاگرد ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ پنهنجي استادن جون ڳالهيون ۽ والدين جي نصيحت غور سان ٻڌو ۽ ان تي عمل ڪريو. انهن سڀني ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان گڏ سچائي، ايمانداري، مخلصي، مستقل مزاجي ۽ اڻ ٽڪ محنت سان معاشري ۾ پنهنجو ڪردار خوش اصلوبيءَ سان نڀائي اوهان دنيا ۾ بي مثال شاگرد ثابت ٿي سگهو ٿا.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪريو تہ جديد دور جي مطابق ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪلاس جي شاگردن کي مستقبل بابت پنهنجي خيالن جو اظهار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- هن سبق جي مڪالمن جو هڪ ڊراما تيار ڪري ڪلاس ۾ شاگردن آڏو پيش ڪيو وڃي.

سبق اوٽيهون

سياڻو بادشاهه

سکيا جي حاصلات:

- تصويري آکاڻيون، ڪارٽون ۽ ٻيو تفريحي مواد پڙهي، سمجهي لطف حاصل ڪري سگهي.
- ڏنل موضوع مطابق ڊرامي جي ڪردارن جا مڪالما لکي سگهي.
- آکاڻي جا مڪالما لکي سگهي.
- ڊرامن وغيره ۾ حصو وٺي پنهنجو ڪردار نياڻي سگهي ۽ نقل ڪري سگهي.
- مڪالما نگاري، ڪردار نگاري ۽ منظر نگاريءَ تحت وٽندڙ ڪاڻي لکي سگهي.
- ڪنهن ٻ موضوع تي گهر، اسڪول، شهر ۽ ڳوٺ ۾ گفتگو ٻڌي راءِ ڏئي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد لفظن کي جمع ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٦٩ – ٧٢
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. شاهوڪار جا گهڻا پُٽ هئا؟
٢. چوپائي مال جو مطلب ڇا آهي؟
٣. هن آکاڻيءَ جي ليکڪ جو نالو ڇا آهي؟

ليکڪ جو تعارف

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ١٦هين ڊسمبر ١٩١٧ع ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو علي محمد خان لغاري آهي. پرائمري ۽ سيڪنڈري تعليم ڪانپوءِ هن ١٩٤١ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرز فرسٽ ڪلاس ٽرڊ پوزيشن ۾ ڪئي. پوءِ ١٩٤٣ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ ڪيائين. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي هوشيار شاگرد هو. اهو ئي سبب آهي جو هميشه پوزيشن ماڻيندو هو. ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ادب ۽ ثقافت جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. ان کان پوءِ ڈاڪٽر صاحب سنڌ يونيورسٽي جامشوري جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن اينڈ ريسرچ ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر به مقرر ٿيو. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جو اُهو محقق، عالم، اديب ۽ ڏاهو آهي، جنهن شعر ۽ ادب جي هر موضوع تي تمام وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. خاص ڪري ڪلاسيڪي ادب ۽ لوڪ ادب تہ سندس اهم موضوع آهن. شاهه لطيف ۽ شاهه جي رسالي تي سندس ڪيل ڪم تمام گهڻو معياري ۽ شاندار آهي. پاڻ سموري ڪم جو باب بند ڪري دل جي تڪليف سبب ٦ اپريل ٢٠١١ع اربع ڏينهن تي زندگي جو سفر پورو ڪري اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي الله تعالي کي وڃي پياروٿيو. ادبي دنيا ۾ سندس ادبي پورهئي ۽ ڪيل سموري ڪم تي سدائين فخر رهندو.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺيان خال پريو.

١. سياڻي بادشاه
٢. چوپائي مال
٣. فيصلو
٤. چئني پُٽن
٥. چار پُٽ

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاهوڪار چئني پُٽن کي پاڙ وٽ گهرائي چيو پُٽ دولت ۽ ڏن اهڙي شيءَ آهي جنهن جي ڪارڻ هميشہ ماڻهو هڪ ٻئي جو قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. ان ڪري آءُ پنهنجي ملڪيت چئن حصن ۾ ورهائي هِن ڪٽ جي چئني پاسن کان پاون جي هيٺيان دفن ڪري ڇڏي آهي. توهان چار ئي پُٽ منهنجي نظرن ۾ اکين جي تاري جيان آهيو. ان ڪري آءُ پنهنجي ملڪيت ورهائڻ ۾ ڪو بہ فرق نہ رکيو آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن شيءَ ۾ ڪا گهٽتائي ڪئي آهي.

٢. چئني پائرن ڪٽ جي چوڌاري پنهنجي پنهنجي حصي جي ڪوٽائي ڪري ڏيڇيون ٻاهر ڪڍيون. ڇا ڏسن تہ هڪ پاءُ جي حصي جي ڏيڇ قيمتي هيرن ۽ موتين سان پريل هئي. ٻئي پاءُ جي ڏيڇ سون سان پريل هئي، ٽئين ۽ چوٿين پاءُ جي ڏيڇين ۾ ڪجهہ بہ نہ هو. انهن ٻنهين مان هڪ ۾ مٽيءَ لپ هئي ۽ ٻي ڏيڇ ۾ پنج ست سُڪل هڏا رکيل هئا.

٣. آخر ڪار چار ئي پائر فيصلو ڪرائڻ لاءِ هڪ سياڻي بادشاہ وٽ ويا.

٤. بادشاہ فيصلو ڪندي چيو تہ توهان جي والد بلڪل درست فيصلو ڪيو آهي. جنهن جي حصي ۾ سون جي ڏيڇ آئي آهي، اهو ان ڏيڇ جو مالڪ آهي ۽ جنهن پاءُ جي حصي ۾ هيرا لال آيا آهن، اهو انهن هيرن ۽ موتين جو حقدار آهي. جنهن پاءُ جي حصي واري ڏيڇ ۾ مٽيءَ لپ رکيل آهي، اهو والد صاحب جي زمينن جو مالڪ آهي ۽ جنهن جي حصي ۾ سُڪل هڏا آيا آهن، ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو پاءُ والد جي ڇڏيل چوپائي مال جو مالڪ آهي.

٥. هن آکاڻيءَ مان اسان کي اها نصيحت ٿي ملي تہ والدين ڪڏهن بہ پنهنجي اولاد جي حق ۾ غلط فيصلو ناهن ڪندا. بس! اولاد کي سندن ڪيل فيصلن تي غور ۽ ويچار ڪرڻ گهرجي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
شاهوڪار	دولتمند	شاهوڪار انسان ماڻهن جي مشڪل وقت ۾ مدد ڪئي.
حيلا	ڪوشش	ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان وڏا حيلا ٿو ڪري.
ڏنُ	دولت	انسان مرڻ وقت ڏنُ ۽ دولت سڀ ڪجهہ هتي ڇڏي ويندو.
چوپايو مال	مويشي	ڳوٺاڻن ماڻهن وٽ چوپايو مال هوندو آهي.
ساراهَ	تعريف	نعت ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي ساراهہ بيان ڪئي وئي آهي.

(د) واحد لفظن جا جمع

واحد	جمع	واحد	جمع
ادي	اديون	ڊاڪٽرياڻي	ڊاڪٽرياڻيون
ڪجي	ڪجيون	نائي	نائيون
ندي	نديون	ڏاڏي	ڏاڏيون

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگرد جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪريو ته جديد دور جي مطابق ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪلاس جي شاگردن کي مستقبل بابت پنهنجي خيالن جو اظهار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- هن سبق جي ڪهاڻي مڪالمن جي صورت ۾ لکو ۽ ڪلاس جي شاگردن آڏو پڙهي ٻڌايو.
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ان جي ادبي خدمتن بابت شاگردن کي ڄاڻ ڏني ويندي. بعد ۾ سندس ڪهاڻيءَ جو اعلان ڪري سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي. حالت اضافت بابت بورڊ تي مثال لکي واضع ۽ آسان لفظن ۾ سمجهايو.
- ڪنهن اخبار يا رسالي مان تصويري ڪهاڻي جي چونڊ ڪري اهي تصويرون پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لڳائي شاگردن آڏو پيش ڪيو ۽ سمجهايو.

سبق ويهون

پنهنجو پاڻ سُجاڻ (نظم)

سکيا جي حاصلات:

- شعر ۾ تجنيس حرفي، ناقص ۽ تام ۾ فرق سمجهي سگهي.
- شعر ۾ تجنيس حرفيءَ جي سُجاڻپ ڪري سگهي.
- هم صورت لفظن جو مقصد سمجهي درست استعمال ڪري سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ موبائل ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۷۳ – ۷۵
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي

جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.

- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟
٢. هن نظم جي عنوان مان شاعر جي ڪهڙي مراد آهي؟
٣. لفظ "مرڪزي خيال" جي ڇا معنيٰ آهي؟

شاعر جو تعارف

گل محمد سومرو ٢٠ فيبروري ١٩٧٦ عيسوي تي ضلعي خيرپور ميرس جي هڪ ننڍڙي شهر لقمان ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو محمد بخش سومرو آهي. گل محمد سومرو ميٽرڪ گورنمنٽ ناز پائلٽ سيڪنڈري اسڪول خيرپور ميرس مان ڪئي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ سنڌي سبجيڪٽ جو استاد جون ذميواريون سر انجام ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ گڏ اقرا يونيورسٽي ڪراچي مان ايم فل (ايجوڪيشن) جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ هڪ نالياورو تعليمدان، شاعر، ليکڪ، صحافي، ڪالم نگار ۽ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو مصنف آهي. سندس لکيل ادبي ۽ نصابي ڪتابن جو انگ ١٣ آهي. جن ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب "اڻپوري خواهش"، "مايا" ۽ شاعريءَ جو ڪتاب "خيالن جي خوشبو" وڏي شهرت بخشي. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "بيوس" آهي. اجرڪ پبليڪيشن جو سرواڻ ۽ روزاني اجرڪ اخبار جو چيف ايڊيٽر آهي. ان کان علاوه آل سنڌ پرائيويٽ اسڪول ٽيچرز ائسوسيئيشن جو چيئرمين پڻ آهي. هن وقت ملڪ جي نالياري تعليمي اداري بيڪن هائوس اسڪول سسٽم ۾ سنڌي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. فطرت ۾
٢. انسان چڱا
٣. ملتان لڏو
۴. ڏيکاءُ
۵. سيرت

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته ڪنهن ۾ انسان جون خاميون تلاش ڪري ان تي تنقيد ڪرڻ بي حد آسان ڪم آهي پر پنهنجي خامين ۽ عيبن تي نظر وجهڻ زندگيءَ جو هڪ مشڪل ترين ڪم آهي. حقيقت ۾ انسان کي جنهن مقصد لاءِ هن فاني دنيا ۾ موڪليو ويو آهي ان حقيقت کي سمجهندي زندگي ان اصول مطابق گذاري

تہ اها ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي.

۲. هن نظم ۾ شاعر ٻين تي تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ کي بهتر بنائڻ جي نصيحت ڪئي آهي.

۳. خوبي ۽ خامي هر انسان جي فطرت ۾ آهي.

۴. صورت جو مطلب انسان جي شڪل يا چهرو ۽ سيرت مان مراد انسان جو ڪردار آهي.

۵. هن نظم ۾ اها نصيحت ڪئي وئي آهي تہ اسان انسانن کي جنهن مقصد لاءِ هن دنيا ۾ موڪليو ويو آهي ان مقصد مطابق زندگي گذاريون تہ اسان جي پلائي آهي، باقي پنهنجي عيبن تي پردا رکي ٻين جي خامين تي تنقيد ڪرڻ ڪو سٺو عمل نہ آهي. ان ڪري هر انسان کي گهرجي تہ ٻين جا عيب تلاش ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ ۾ خاميون تلاش ڪري انهن کي ختم ڪرڻ ۽ خوبيون پيدا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
هاڪ	مقبوليت	دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اجرڪ جي وڏي هاڪ آهي.
خاڪ	مٹی	انسان خاڪ آهي ۽ خاڪ ۾ ملي ويندو.
واٽ	راستہ	واٽ تي اسان کي هڪ بزرگ نظر آيو.
خوف	ڈر	دل ۾ صرف خدا جو خوف هجڻ گهرجي.
بيباڪ	بہادر / بےخوف	هوش محمد شيدي هڪ بيباڪ انسان هو.

(د) تجنيس حرفي، تجنيس تام ۽ تجنيس ناقص جا جملا

تجنيس حرفي

۱. بي وجہ هن باغ کي ڇوڏني آ باهِ تو.

۲. تخت تنهنجا، طاقت تنهنجي، تون ئي تارين تار کي.

۳. جاڳي جن جهاد ڪيو جان ۾ ڪئي قربان.

تجنيس تام

۱. دعا نماز کان پوءِ دعا گهرندي روئندي رهي.

۲. احمد سير ڪندي هڪ سير صوف خريد ڪيا.

۳. امتحانن ۾ ڪاميابي ماڻڻ تي انعام کي انعام ڏنا ويا.

۴. انور وارو ياءُ هن پيري پاڻيءَ جو وارو نہ ٿو ڏئي.

۵. اتر سنڌ ۾ هڪ هاريءَ کان اتر ۾ بکري ورتي وئي.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

تجنيس ناقص

۱. مِينهن ۾ مَينهن هلندي هلندي تِرکي پئي.

۲. هڪ ڳوٺ ۾ پِير جو پَير زخمي ٿي پيو.

۳. احمد جي نُنهن جا نَنهن ڏسي سڀ حيران ٿي ويا.

۴. نديم جو پُٹُ بيهوش ٿي پَٹَ تي ڪري پيو.

۵. جي اوهان ڪامياب ٿي ويا تہ احمد جي ڪار اوهان کي ملندي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- گوگل تان شاهه جو رسالو پڙهي ان مان "سُر ڪاموڏ" جا ڪي بہ پنج بيت لکي اچو.

سبق ايڪيهون

ٻوڏ ۽ اُن جا نقصان

سکيا جي حاصلات:

- اي ٽي ايم جي اسڪرين تي ڏنل معلومات سمجهي ۽ پڙهي سگهي.
- عام فارم، مني آرڊر ۽ داخلا فارم وغيره پري سگهي.
- ٽريفڪ جي اصولن کي سمجهي، رستي تي هلڻ جا قائدا سمجهي ۽ انهن تي عمل ڪري سگهي.
- مفرد ۽ مرڪب جملا زمان حال ۽ ماضي (متشڪي ۽ مدامي) مطابق بدلائي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد لفظن کي جمع ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٧٦ - ٧٩
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس

ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

۱. ۲۰۱۰ واري ٻوڏ بابت اوهان ڇا ٻڌو؟
۲. ۲۰۱۰ ع جي ٻوڏ ۾ مري ويلن جو انگ ڪيترو هو؟
۳. ٻوڏ ڇو ايندي آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

۱. ٻوڏون
۲. برساتن
۳. ۲۰۱۰
۴. پاڪ فوج
۵. خيرپور ناٿن شاهه

(ب) سوالن جا جواب:

۱. گرميءَ جي موسم ۾ جڏهن پهاڙن تان برف پگهرندي آهي ته سمورو پاڻي درياهن ۾ اچي پوندو آهي ۽ جڏهن درياهه ۾ وڌيڪ پاڻي اچي ويندو آهي ته پوءِ پاڻي پنهنجي وهڪري کان ٻاهر نڪرندو ايندو آهي ۽ پرپاسي جي سموري ڌرتي، فصل ۽ آبادي کي ٻوڙي ڇڏيندو آهي.
۲. ۲۰۱۰ع ۾ سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٽوڙيءَ واري هنڌ تان سنڌوءَ جي بچاءُ بند کي گهارو لڳڻ سبب سنڌ کي تاريخي نقصان رسيو.
۳. ۲۰۲۲ع جي ٻوڏ ۾ سنڌ جا ۱۰ لک ماڻهو بي گهر ٿيا هئا.
۴. سنڌ جي شهر خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏن سبب تي پيرا بيحد نقصان رسيو آهي.
۵. ٻوڏن کان بچڻ لاءِ اڳواٽ ئي حفاظتي انتظام ڪرڻ گهرجن ته جيئن اسين جاني ۽ مالي نقصان کان بچي سگهون. بعد ۾ افسوس ڪرڻ کان بهتر آهي ته انسان وقت کان اڳ ٽوري گهڻي تڪليف برداشت ڪري پاڻ کي تمام وڏي مصيبت ۽ نقصان کان بچائي سگهي ٿو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
وسيلا	ذرائع	هن وقت ملڪ ۾ روزگار جا ڪيترا ئي وسيلا آهن.
برداشت	صبر	روزو انسان ۾ برداشت جي سگهه پيدا ڪري ٿو.
عقلمندي	دانشمندی	مشڪل وقت ۾ عقلمندي مان ڪم وٺڻ گهرجي.
لڏ پلاڻ	نقل مکانی	ٻوڏ سبب ڳوٺن مان لڏ پلاڻ جو سلسلو جاري ٿي ويو.
سانحو	سانحہ	۲۰۲۲ع جي ٻوڏ وارو سانحو هميشہ ياد رهندو.
مصيبت	مصیبت	مصيبت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.

(د) واحد لفظن جا جمع

مُذڪر		مؤنث	
واحد	جمع	واحد	جمع
پيءُ	پيئر	ماءُ	مائرون
پاءُ	پائر	ٻيٽ	ٻينرون
		ڏيءَ	ڏيئرون
		نُنهن	نُنهرون

متن پڙهي سوالن جا جواب ڏيو.

پاڪستان ۾ ۲۰۱۰ع کان ٻوءِ ۲۰۲۲ع واري سيپ کان وڏي ٻوڏ هئي، جنهن ۾ فوت ٿي ويلن جو انگ لڳ ڀڳ ۲۰۰۰ هو. ملڪ جو ٽيون حصو پاڻي هيٺ اچي چڪو هو. خاص طور دادو ضلعي جو خير پور ناٿن شاهه شهر ۲۰۱۰ع ۽ ۲۰۲۲ع جي مها ٻوڏن ۾ مڪمل طور ٻڏي ويو هو. ٻوڏ دوران، منچر ڍنڍ اوور فلو ٿي وئي.

۱. پاڪستان ۾ ۲۰۱۰ع کان ٻوءِ ٻي ڪهڙي وڏي ٻوڏ هئي؟

جواب: پاڪستان ۾ ۲۰۱۰ع کان ٻوءِ ۲۰۲۲ع واري سيپ کان وڏي ٻوڏ هئي

۲. ۲۰۲۲ع واري ٻوڏ ۾ فوت ٿي ويلن جو انگ لڳ ڀڳ ڪيترو هو؟

جواب: هن ٻوڏ ۾ فوت ٿي ويلن جو انگ لڳ ڀڳ ۲۰۰۰ هو.

۳. ملڪ جو ڪيترو حصو پاڻيءَ هيٺ اچي چڪو هو؟

جواب: ملڪ جو ٽيون حصو پاڻي هيٺ اچي چڪو هو.

۴. سنڌ جو ڪهڙو شهر ۲۰۱۰ع ۽ ۲۰۲۲ع جي ٻوڏن ۾ مڪمل طور ٻڏي ويو هو؟

جواب: خير پور ناٿن شاھ شھر ۲۰۱۰ع ۽ ۲۰۲۲ع جي مھا ٻوڏن ۾ مڪمل طور ٻڏي ويو ھو.

۵. ڪھڙي ڏنڊ اوور فلو ٿي وئي ھئي؟

جواب: ٻوڏ دوران، منچر ڏنڊ اوور فلو ٿي وئي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ھن سبق ۾ ڪھڙيون نصيحتون سمايل آھن، شاگردن کي ان بابت پنھنجي خيالن جو اظھار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنھن شاگرد جو جواب بھتر ھوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رھنمائي ڪريو تہ جديد دور جي مطابق ڇا ڪرڻ گھرجي؟ ڪلاس جي شاگردن کي مستقبل بابت پنھنجي خيالن جو اظھار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- قدرتي آفتن ۽ انساني غفلتن سبب درپيش آفتن ۾ ڪھڙو فرق آھي. ان بابت ھڪ ڪمپيوٽر پيپر تي وضاحت لکي ايندا.
- ڪنھن ويجھي بئنڪ ۾ وڃي اتان جي عملي سان ملاقات ڪري اڪائونٽ کولڻ جو فارم پُر ڪرڻ جو طريقو سکو. ان کان پوءِ اي ٽي ايم مشين مان رقم ڪڍرائڻ جو طريقو پڻ سکو ان معاملي ۾ والدين يا استادن جي رھنمائي ضرور حاصل ڪريو.

سبق ٻاويهون

علم ڪيميا

سکيا جي حاصلات:

- عبارتن جي جزن، سببن، نتيجن، بنيادي خيالن ۽ بيان جي حوالي کي آڏو رکي سمجهي ۽ پڙهي سگهي.
- زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل استمراري جي جملن کي مختلف زمانن ۾ بدلائي سگهي.
- صحت جي حفاظت/ وبائي بيمارين جي پکيڙ ۽ بچاءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري ۽ ٻين کي ٻڌائي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٨٠ – ٨٣
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جو آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.

- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

۱. يوناني دور ڪڏهن کان شروع ٿئي ٿو؟

۲. سر آئزڪ نيوٽن کي ڪهڙي ملڪ جو هڪ وڏو سائنسدان سمجهيو وڃي ٿو؟

۳. جان ڊالٽن ڪهڙو نظريو پيش ڪيو؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

۱. سائنس جي

۲. چئن

۳. ڪيميا

۴. ۱۷۰۴

۵. ۱۷۰۰

(ب) سوالن جا جواب:

۱. علم ڪيميا جي تاريخ ان وقت شروع ٿي، جڏهن انسان پنهنجي اردگرد جو اپياس شروع ڪيو ته انهن جي سامهون موجود شيون ڪهڙي طرح انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪار آمد ٿي سگهن ٿيون. ان وقت انهن شين ۾ پٿر، ڪانيون ۽ لوهُ سرفهرست هئا.

۲. ارسطو مطابق هر شئي چئن عنصرن مان ٺهيل آهي. مٽي، هوا، باهِ ۽ پاڻي.

۳. انسان پنهنجي اردگرد جو اپياس شروع ڪيو ته انهن جي سامهون موجود شيون ڪهڙي طرح انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪار آمد ٿي سگهن ٿيون.ان وقت انهن شين ۾ پٿر، ڪانيون ۽ لوهُ سرفهرست هئا. پٿرن سان گڏوگڏ انهن پهاڙن جو مشاهدو ڪيو ۽ انهن مان ڏاتو حاصل ڪيا. پٿرن کي پاڻ ۾ گسائي باهِ ٻارڻ جو طريقو سکڻ کان پوءِ اهو سمجهڻ شروع ڪيو ته ڪهڙيون شيون باهِ ۾ سڙي وڃن ٿيون ۽ ڪهڙين شين تي باهه اثر نه ٿي ڪري.

۴. علم ڪيميا کي چئن دورن ۾ ورهايو ويو آهي.

۵. جديد ڪيميائي دور جو آغاز ۱۷۰۰ع کان ٿيو.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
پروڙ	سمجھنا	ڪتابن پڙهڻ سان تاريخ جي پروڙ ٿئي ٿي.
فهم	عقل	الله تعاليٰ انسان کي ذهن ۽ فهم عطا ڪيو آهي.
اپياس	مطالعہ	آءٌ ادبي ڪتابن جو اپياس ڪندو آهيان.
مانڊاڻ	رنگين مناظر	آسمان تي مانڊاڻ جو منظر بيحد سهڻو نظر اچي رهيو آهي.
مصنوعي	مصنوعی	مصنوعي ذهانت نئون انقلاب آندو آهي.

(د) زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل استمراري جا جملا .

زمان حال استمراري

١. سيما ڪتاب پڙهي ٿي پئي.
٢. طيبہ تلاوت ڪري ٿي پئي.
٣. انور ورزش ڪري ٿو پيو.

زمان ماضي استمراري

١. سيما ڪتاب پڙهيو پئي.
٢. طيبہ تلاوت ڪئي پئي.
٣. انور ورزش ڪئي پئي.

زمان مستقبل استمراري

١. سيما ڪتاب پڙهندي پئي.
٢. طيبہ تلاوت ڪندي پئي.
٣. انور ورزش ڪندو پئي.

(هـ) علم ڪيميا ۾ نوبل انعام کٽندڙ جي فهرست

١. جيڪوبس هينريڪس وانتهاف
٢. هرمان ايمل فشر
٣. سوانتي آگسٽ آرينيس
۴. لينس پالنگ
۵. ڪارل بيري شارپلس

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگرد جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪريو ته جديد دور جي مطابق ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪلاس جي شاگردن کي مستقبل بابت پنهنجي خيالن جو اظهار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- گوگل ويب سائيٽ تان ڳولا ڪري گذريل ڏهن سالن دوران علم ڪيميا جي ڪهڑين ڪهڑين ماهر شخصيتن نوبل انعام حاصل ڪيو انهن جا نالا پنهنجي ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪريو.
- صحت بابت دوا سازيءَ جي معاملن ۾ علم ڪيميا جو اهم ڪردار آهي، اوهان دوا سازيءَ بابت علم ڪيميا جي اهم ڪارڪردگي بابت هڪ مضمون انٽرنيٽ تان ڳولا ڪري ڪاپيءَ ۾ لکي ڪلاس جي سيني شاگردن آڏو پڙهي ٻڌائيندا.

سبق ٹيوبيهون

خط ۾ ان جا قاعدا

سکيا جي حاصلات:

- اخبارن، رسالن ۾ ڇپيل خبرن، رپورٽن، اشتهارن، خطن، ڪالمن ۾ ايڈيٽرن ڏانهن لکيل خطن کي سمجهي پڙهي سگهي.
- اسڪول مان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستون لکي سگهي.
- اسڪول جي مسئلن بابت ضلعي جي عملدار کي درخواست لکي سگهي.
- رسمي ۽ غير رسمي خط لکي سگهي.
- عام ضرورتن لاءِ اسڪول جي انتظاميہ کي درخواست لکي سگهي.
- پنهنجي ذات ۽ ماحول سان لاڳاپيل مسئلن، ڪمن ۽ حقن بابت ڄاڻ حاصل ڪري ان جو اظهار ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- خط جي قائدن کان واقف ٿي سگهي.
- خط اصولن مطابق لکي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٨۴ – ٨٧
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي. هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي.

غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. خط ۾ ڪيتريون عبارتون هونديون آهن؟
٢. "سرو" ڇا کي چيو ويندو آهي؟
٣. خط جي ايڊريس ڪهڙي پاسي کان لکي ويندي آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺيان خال پريو.

١. سِرو
٢. السلام عليكم
٣. بسم الله الرحمن الرحيم
۴. حاشيو
۵. ايڊريس

(ب) سوالن جا جواب:

١. خط لکڻ جي شروعات بسم الله الرحمن الرحيم سان ڪرڻ گهرجي.
٢. هن خط ۾ سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.
٣. علائقي واسين گرميءَ ۾ لوڊ شيڊنگ ۽ بجليءَ جي ڳرن بلن جي خبر شايع ڪرڻ لاءِ خط لکيو آهي.
۴. هي خط روزاني ساک جي ايڊيٽر ڏانهن لکيو ويو آهي.
۵. هن خط لکڻ جو اصل مصقد لوڊ شيڊنگ ۽ بجليءَ جي ڳرن بلن جي خبر اخبار ۾ شايع ڪرائي انهن مسئلن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۾ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
سڪون	سکون	لوڊ شيڈنگ انسانن جو سڪون برباد ڪري ڇڏيو آهي.
رهواسي	رہائش پذیر	ڳوٺ جا رهواسي بيحد سچا ۽ سادا هوندا آهن.
رعايت	رعایت	گهر جائو عورتن سان سامان ۾ رعايت ڪئي وئي.
مسئلو	مسئلہ	ڪراچي شهر ۾ پاڻيءَ جو مسئلو حل نہ ٿي سگهيو.
شهري	شہری	شهري ماڻهو هر وقت ڪم ۾ مصروف هوندا آهن.

(د) واحد لفظن جا جمع

واحد	جمع
مالهي	مالهي
ماري	ماري
موچي	موچي
ڪوري	ڪوري
عربي	عربي
دائي	دائي

(ھ) علم معاني ۽ جدت جا لفظ

علم معاني

١. سيما پهريون پيرو پوزيشن ماڻي آهي.
٢. احمد خواب ۾ جنت جي زيارت ڪئي.
٣. آءٔ عمري جي سعادت حاصل ڪئي.
٤. رب اوهان کي حج جي سعادت نصيب ڪري.
٥. اوهان قابل احترام انسان آهيو.

جدت

١. احمد ننڍڙي عمر ۾ قرآن جو حافظ ٿي ويو.
٢. مصنوعي ذهانت ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو ترجمو آسان ٿي ويو.
٣. سنڌي ٻوليءَ کي دنيا ۾ اهميت ملي آهي.

۴. لطيف جي شاعريءَ دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو.

۵. ۱۶ سالن جي هڪ ٻار تحقيق جي صنعت حاصل ڪري ورتي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪريو ته جديد دور جي مطابق ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪلاس جي شاگردن کي مستقبل بابت پنهنجي خيالن جو اظهار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- رسمي ۽ غير رسمي خط لکو ۽ ٻنهين خطن بابت هڪ صفحي تي اهي ڳالهيون واضع ڪري لکو ته رسمي خط ۽ غير رسمي خط ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي.
- بورڊ جي چئرمين ڏانهن هڪ درخواست لکي امتحانن دوران ٽيندر نقل جي عمل خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ان ناقص عمل کان اسان کي نجات ڏياري وڃي.

سبق چوڀهون

ڏيءَ جو ڏاتار تون

سکيا جي حاصلات:

- قافيي ۾ ردیف جي فرق کي سمجهي شعر مان ڳولي سگهي.
- نظم ۾ ڪنهن به فنپاري ۾ احساسن، جذبن، تاثرات ۽ ابلاغ جو تجزيو ڪري سگهي.
- پنهنجي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي.
- ماحوليات بابت ٿيندڙ وٽڪاري جي مهم، گلن جي نمائش، مصوري، تقريري مقابلن، واڪ ۽ ٻين تقريبن ۾ حصو وٺي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۸۸ – ۸۹
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟
٢. هن نظم جي عنوان مان شاعر جي ڪهڙي مراد آهي؟
٣. لفظ "مرڪزي خيال" جي ڇا معنيٰ آهي؟

شاعر جو تعارف

مولوي احمد ملاح، تعلقي بدين جي هڪ ڳوٺ "ڪنڊي" ۾ پهرين فيبروري ١٨٧٧ع تي جنم ورتو. سندس والد جو نالو "نانگيو" هو. هن شروعاتي تعليم، پڳڙا ميمڻ ۽ سجاول جي مڪتبن ۽ مدرسن مان حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن مختلف مڪتبن ۽ مدرسن ۾ درس ۽ تدريس جا فرض سرانجام ڏنا. مولانا صاحب هڪ انقلابي شخصيت هو. جنهن خلافت تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو. مولوي احمد ملاح سنڌ جي وڏن ۽ اعليٰ پايي جي شاعرن ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو. سندس شاعريءَ جو انداز عوامي آهي، جنهن کي جهر جهنگ ۾ ڳايو ويجي ٿو. سندس شاعريءَ جو وڏو حصو مذهبي شاعريءَ تي ٻڌل آهي، تنهن هوندي به سندس شاعريءَ ۾ مزاحيه، جمالياتي ۽ انقلابي پهلو نمايان آهن. هيءُ تجنيسِ حرفيءَ جو شهنشاهه ۽ غزل جو سٺو شاعر تسليم ڪيو ويجي ٿو. سندس عالمي ڪارنامو قرآن مجيد جو "نورالقرآن" جي نالي سان سنڌي بيتن ۾ منظوم ترجمو ڪرڻ آهي، سندس انهيءَ عظيم ڪم سان سنڌي ٻوليءَ کي وڏو مقام حاصل ٿيو آهي. قرآن مجيد جو سڄي دنيا ۾ اهو پهريون منظوم ترجمو آهي. سندس شاعريءَ جي مجموعن مان "ديوانِ احمد"، "گلشنِ احمد"، "گلزارِ احمد"، "بياضِ احمد"، "هيڪڙائي حق"، "پيغام احمد" ۽ "غزليات احمد" ڇپيل آهن. سنڌ جي هن بيمثال شاعر ١٩ جولاءِ ١٩٦٩ع تي وفات ڪئي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. صاحبي
٢. مُنجهي
٣. نشانبر
٤. چُهڙا
٥. بخش

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم جي شاعر جو نالو مولوي احمد ملاح آهي.

٢. هي نظم شاعري جي حوالي سان مسدّس آهي.

٣. پهرين ڇهن سٽن ۾ شاعر الله تعاليٰ جي واکاڻ بيان ڪندي لکيو آهي ته اي منهنجا رب اسان جو عرض تنهنجي در آهي ۽ رهندو. ڇاکاڻ ته تو ئي ڏيڻ وارو آهين ۽ تون ئي ڪائنات جو پالڻهار آهين. اول به تون ته آخر به تون، تون ئي هئين ۽ تنهنجو ئي نالو رهڻو آهي. تون نه ڏينڊين ته ٻيو ڪير ڏينڊو. ان ڪري اسان تنهنجي در جا سوالي آهيون ۽ تون ئي ڏاتار آهين.

٤. آخري ڇهن سٽن ۾ شاعر لکي ٿو ته اي منهنجا پالڻهار اسان گنهگار ۽ عيبدار آهيون تنهنجي در تي پنهنجي گناهن جي بخشش جا سوالي آهيون تنهنجي ذات بخشڻ واري آهي تون اسان تي ٻاجه ڪر ۽ بخشش ڪري اسان مٽان رحم جي نظر ڪر. تون ئي معاف ڪرڻ وارو آهين.

٥. هن نظم ۾ شاعر اها نصيحت ڪئي آهي ته هن ڪائنات جو نظام هلائڻ واري الله جي ذات آهي ۽ ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ هڪ الله آهي اسين ان جا ٻانها آهيون. اسين خطاڪار ۽ گنهگار آهيون. اهو رب ڪريم ٻاجهارو آهي، بخشڻ وارو آهي هر شيءَ تي قادر آهي ۽ هر شيءَ عطا ڪرڻ وارو آهي. ان ڪري ان رب ڪريم کان گهرجي، ان رب جي عبادت ڪجي، اهو ئي رب ڪريم آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
ڏيهُ	دیس	اجرڪ ڏيهه پرڏيهه مشهور آهي.
حقدار	حقدار	حقدار کي حق ڏيڻ هڪ بهترين عمل آهي.
ڳجهي	پوشیدہ	الله کان ڪا به شيءَ ڳجهي نه آهي.
نِروار	عیاں/ ظاہر	آسمان جو منظر نروار نظر اچي رهيو آهي.
ڏوهُ	جرم/ گناہ	احمد جو ڪو به ڏوهه نه آهي.
سانجهي	صبح سویرے	صبح سانجهي الله جي عبادت ڪرڻ گهرجي.

مناجات

شاعريءَ ۾ عاجزي ۽ التجا سان گهريل دعا. مناجات مذهبي شاعريءَ جو قسم آهي. مناجات عربي لفظ "ناجي" مان نڪتل آهي. مداح وانگر هي به خاص قسم جو شعر آهي. هن ۾ شاعر پنهنجي ڏکن ۽ تڪليفن جو حال اوري ڏٽي تعاليٰ کان سوال گهري ٿو ۽ ٻاڏائي ٿو. ڪِن حالتن ۾ پنهنجي ذاتي عقيدت جي بنياد تي پيغمبر صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم، اصحابن سڳورن ۽ اولیائن کي به واسطي طور ڪم آندو ويندو آهي. مناجات ۽ مداح ۾ خاص فرق هي آهي ته مداح ۾ خاص

مضمون ساراھ ۾ تعريف جو هوندو آهي ۽ ضمني طور سوال يا عرض بہ ڪيو ويندو آهي. پر مناجات ۾ خاص مضمون حال اورڻ ۽ مدد لاءِ سوال ڪرڻ هوندو آهي ۽ ضمني طور ساراھ ۽ تعريف بيان ڪئي ويندي آهي. مجموعي طور مداح ۾ ساراھ هوندي آهي ۽ مناجات ۾ سوال جو عنصر غالب هوندو آهي.

مسدس

هي علم عروض جي صنف آهي. مسدس فارسي شاعريءَ جي اهم صنف آهي. هن ۾ ڇهہ مصراعون ٿيندڙيون آهن. مسدس جا ڇهہ ئي مصرعہ هم وزن ۽ هم قافيہ هوندا آهن. جيڪڏهن مسدس ۾ پهريان چار مصرعہ پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ آخري بہ مصرعہ پاڻ ۾ هم قافيہ هجن تڏهن بہ بلڪل نيڪ آهي. سنڌي زبان ۾ سڀ کان وڌيڪ مسدس الله بخش اٻوجهي لکيا آهن.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- نظم جي ڪنهن بہ فنپاري ۾ احساسن، جذبن، تاثرات ۽ ابلاغ جو تجزيو ڪيو پنهنجي تنقيدي راء لکو.
- شاگردن کي مسدس ۽ مخمس شاعريءَ جي ٻنهين صنفن ۾ فرق واضع ڪري سمجهايو ويجي. ڪلاس جا سيئي شاگرد گڏجي هڪ آواز ۾ سُر ۽ لئ سان هي نظم پڙهندا.

سبق پنجويهون

سنڌي ٻولي ۽ ادبي خوبيون

سکيا جي حاصلات:

- سڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي پنهنجي فهم، تجزيي ۽ راءِ جي حوالي سان اظهار ڪري سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي مختلف علمي ۽ ادبي مواد ڳولي ۽ پڙهي سگهي.
- لکڻ ۾ مختلف اسلوب بيان (علمي، صحافتي ۽ دفتري وغيره) پڙهي اهم نڪتا لکي سگهي.
- واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ تبديل ڪري جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۸، صفحو نمبر ۹۰ – ۹۳
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. پھرين سنڌي ٽائيپ جو استعمال ڪڏھن ۽ ڪھڑي ملڪ ۾ ٿيو؟

٢. انگريزن سنڌ تي ڪڏھن قبضو ڪيو؟

٣. ڪراچيءَ ۾ پھرين ليٿو پريس ڪڏھن قائم ٿي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. صرف ۽ نحو

٢. سنڌي

٣. ساھت

۴. خزاني

۵. اسڪول

(ب) سوالن جا جواب:

١. سڀ کان پھريون قرآن پاڪ جو ترجمو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو ويو.

٢. سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط لکڻ جو حڪم نامو انگريزن ١٨٥٣ع ۾ جاري ڪيو.

٣. "شاھ جو رسالو" جو ترجمو سڀ کان پھريون ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ڪيو.

۴. انگريزن جي دور ۾ بائيبل جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڪرسچن اسڪولن ۾ پڙھايو ويو.

۵. ادبي زبان جو ٿي خوبيون ھيٺ ڏجن ٿيون.

- ادبي زبان ۾ ھڪ معنيٰ لاءِ گھٽا لفظ ۽ ھڪ لفظ جون گھڻيون معنائون ھوندیون آھن.
- ادبي زبان ۾ صرف ۽ نحو جا قائدا ۽ قانون ھوندا آھن.
- سُڌريل ۽ ادبي زبان ۾ "علم بديع و بيان" ۽ "علم معاني" جو خزانو خوب پريل ھوندو آھي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
سخاوت	سخاوت	الله تعاليٰ کي سخاوت پسند آھي.
ساھت	ادب/ علم وادب	ڪينجھر ڍنڍ کي ھر ساھت ۾ وڏي اھميت ملي آھي.
پٽاندر	مطابق/ کی طرح	ڪراچي شھر جو نقشو بين الاقوامي نقشي پٽاندر ٺاھيو ويو آھي.
رھنمائي	رہنمائی	استادن، اسان جي ھر معاملي ۾ رھنمائي ڪئي آھي.
سرمايو	ذخیرہ/ سرمایہ	شاھ جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو ھڪ عظيم سرمايو آھي.

(د) لفظن جا ضد

لفظ	ضد
سڃڻُ	دشمنُ
مانُ	ذلت
خلاف	حمايت
ناهڙ	ڀاهڙ
هٿرادو	قدرتي
انڪاري	هاڪاري

(ه) لفظن جا واحد / جمع ۽ جملا

واحد	جمع	جملا
اُنُ	اُنَ	اُنَ ريگستان جو جهاز چيو ويندو آهي.
هتُ	هتَ	منهنجو هتُ زخمي ٿي پيو آهي.
هوا	هوائون	اڄ ڏکڙ جي هوا گهلي رهي آهي.
هاري	هاري	هاري بيحد محنتي انسان آهي.
ٻکري	ٻکريون	ٻکري گاهُ کائي ٿي.

(و) مذڪر مؤنث لفظن جا جملا

لفظ	جملا
ڇوڪرو	هيءُ ڇوڪرو آهي
ڀارڙو	هيءُ ڀارڙو آهي
سياڻو	احمد سياڻو ڇوڪرو آهي.
پولڙو	پولڙو نچي رهيو آهي.
چاچو	هيءُ منهنجو چاچو آهي
مامو	برڪت، سليم جو مامو آهي.
ٽيندو	اڄ ڏينهن وڏو ٽيندو.
هوندو	مهمان اچي چڪو هوندو.
ڏاڍو	ڏينهنُ ڏاڍو گرم ٽيندو
دِلو	دِلو پڃي پيو

نسخ

نسخ جي لفظي معنيٰ آهي "ہي سڌي شيءَ ان جي جاءِ تي آڻڻ." مطلب تہ اڳين صورت پلي موجوده هجي پر ان جي جاءِ تي ہي شيءَ آڻڻ. موجوده سنڌي نسخ خط ۾ لکبي آهي. موجوده خط نسخ جي صورت ۾ تمام گھٽو پوءِ وجود ۾ آيو. جيڪو عراق، ڪوفي ۽ بصري ۾ هلندڙ هو. خط ڪوفيءَ ۾ نقطا ڪونہ هئا. ان ڪري پڙھڻ ۾ مشڪل هو. پر عربن لاءِ مشڪل نہ هو. عرب ان خط ۾ لکيل هر لفظ يا سِٽ آسانيءَ سان پڙھي ويندا هئا. لفظن جي صحيح سُجاڻپ لاءِ سن 65 هجريءَ ۾ حجاج بن يوسف جي هدايتن مطابق خاص طور مذهبي ڪتابن تي زيرون، زبرون، پيش، شد، مس، وغيره جون علامتون ڏنيون ويون ۽ خط نسخ جي موجوده صورت قائم ٿي.

سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

سنڌ دنيا جي انهن خطن مان هڪ آهي جتي قديم زماني کان تهذيب جا آثار ملن ٿا. جيتوٽيڪ سنڌ ۾ کوڙ قديم شهر مليا آهن، پر موهن جو دڙو سڀ کان قديم ۽ اهم شهر آهي، جيڪو سنڌ جي عظيم تهذيب جو سڀ کان وڏو گواهہ آهي. سنڌي ادب (Sindhi literature) سنڌي ادبي دور جي شروعات شاعريءَ جي صورت ۾ سومرن جي دور کان ڄاڻايو ويو آهي. موجوده سنڌي لپي جي شروعات انگريز دور ۾ ٿي، ان کان اڳ سنڌي ادب کي مختلف لپين ديوناگري، خواجڪي، برهمڻي، لوهاڻڪي، گرمکي، خدا آبادي يا خداوادي ۽ ٻين لپين ۾ لکيو ويندو هو.

عرب دور (۷۱۲ کان ۱۰۵۰)

رائي گھراڻي جي زماني ۾ سنڌ جو انتظام باقاعده هڪ زبردست دفتري ٻولي جي وسيلي هلايو ويندو هو. سنڌ جي وڏن شهرن توڙي ننڍن شهرن ۾ علم جا باقائده مدرسا سنڌي ٻولي ۾ موجود هئا. ان وقت جي سنڌي ٻولي جا حرف عبراني زبان سان ملندا هئا. هن دور جو ادب يعني شاعري، نظم، نثر، سڀ ناپيد آهن، عرب حملي کان اڳ سنڌ ۾ گيت ڳائڻ جو راوج قائم هو. محمد بن قاسم جڏهن سنڌ فتح ڪئي، سنڌ جي ڪجهہ قبيلن گيت ڳائي سندس آڏر پاءُ ڪيو هو. سنڌي شاعرن جو ذڪر عرب دور ۾ بہ ملي ٿو. پر اها عربي ٻولي ۾ لکي ويندڙ شاعري هئي،ڪن محققن جو خيال آهي تہ عيسوي سن جي ابتدا يا ان کان بہ اڳ لکت جي حوالي سان سنڌي زبان يا سنڌي جي ڪا زبان موجود هئي،يا وري شاعري جي هڪ ست اره بره ڪنڪره، ڪراڪره مندره جنهن جي تشريح سنڌيءَ ۾ هن طرح ڪن ٿا تہ: اهڙو ٻُڙو (باجه) ڪوڪري جو ڪري مينڊرو، ان کي پڙ ڪي سنڌي محقق عرب دور جي سنڌي شاعري چون ٿا، پر صرف اهو هڪ گمان آهي.

سومرن جو دؤر (۱۰۵۰ع کان ۱۳۵۱ع)

سنڌي علم و ادب جي تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ سومرن جي دور کي سنڌي ادب جو شروعاتي دور چيو ويندو آهي. سنڌي ادب ۾ نثري صنفن ڪهاڻي، مضمون، ناٽڪ ۽ ناول جي شروعات انگريز دور ۾ موجوده رسم الخط جُڙڻ سان ٿي. سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب ۾ پهرين صنف مقامي جنگ نامن، رزميا داستان، عشقيا داستانن جي عام قصن سان ٿي. سنڌي ادب جو بنياد ۽ اوسر وارو باقاعده دور سومرن جي دور کي سمجهيو وڃي ٿو. توڙي جو سومرن جي دور ۾ سنڌ جي تعليمي ۽ سرڪاري

ٻولي عربي هئي پر سومرا حڪمرانن جي مادري زبان سنڌي هجڻ سبب ان دور کي سنڌي ٻولي جي تعمير ۽ توسيع وارو دور تصور ڪيو ويندو آهي. سومرون جي دور کان وٺي ميرن جي دور جي خاتمي تائين، جيئن ته سنڌي ٻولي جي صورتخطي موجود نه هئي، ان لاءِ ان وقت سنڌي ڪتاب يا نسخا ديوناگري، خواجڪي سنڌي يا ٻين لپين ۾ لکيا ويندا هئا.

شاعري (فنڪار چنگ وڄائيندي) ڳاهه جي صورت ۾ سنڌيءَ ۾ بيت سومرا دور کان ملڻ شروع ٿيا، هن دور ۾ ڳاهه، سهرا ڳيچ يا گيت ۽ گنان جي صنفن جي ايجاد ٿي. ان دور ۾ لوڪ شاعرن، ڀٽن، ڀانن ۾ استانن کي منظم انداز ۾ شاعري جي روپ ۾ پيش ڪيو. ڀَٽ ۽ چارڻ زباني طرح سنڌ جي نشر ۽ اشاعت جو ڪم ڪندڙ هئا، جيڪي جنگ جي ميدان ۾ شاعريون پڙهي فوج ۾ گرم جوشي ۽ ولولو پيدا ڪندا هئا ۽ عام ڌاڻن ۾ ملڪي خبرون بيتن ذريعي ماڻهن ڏي منتقل ڪندا هئا. سنڌي موسيَقيءَ ۾ ڪيرت جو مؤجد پڻ انهي دور جا ماڻهو هئا، ڪيرت سورهين سرويچن جي ساراهه ۽ واکاڻ واري ڳائڻ کي چئبو آهي. جنهن مان اڳتي هلي وهاڳ ۽ پرياتي راڳ پيدا ٿيا. سومرن جي دور ۾ سياسي استحڪام سبب سنڌي ادب ۽ خاص ڪري شاعري جو ماڻهن کي وڏو شوق پيدا ٿيو. ان وقت جون ڪئين رومانوي داستان جيڪي اڄ به قصن جي صورت ۾ رائج آهن.

ڳاهه

ڳاهه سنڌي شاعري جي هڪ قديم صنف آهي، جنهن کي سنڌي بيتن جي اوائلي صورت قرار ڏنو ويجي ٿو. ڳاهه فني لحاظ کان دوهو صنف جي صورت آهي. اها صنف مختلف داستانن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ڳاهه هڪ قسم جا واقعاتي بيت آهن جيڪي داستان يا ڳاله دوران وچ ۾ چيا ويندا هئا. ڳاهون سومرن جي دؤر کان شروع ٿيل پانئنجن ٿيون. هن دور ۾ پاڳُو پان يا پاڳوند پان ۽ سمنگ چارڻ ڳاهه جا بادشاهه شاعر هئا، هيءُ ڳاهه صنف جا موجد به چيا وڃن ٿا. ڳاهه لاءِ مشهور به ڳاهه رهيا آهن، هڪ ڳاهه هندي جي "دوهي" کان الڳ آهي ۽ ساخت ۾ هڪ نج سنڌي دوهو آهي. ٻيو ڳاهه راجستان جي صنف لوڪ گاٿا جي ڦريل صورت آهن. آڳاٽي زماني ۾ جيئن ته ماڻهن وٽ لکڻ پڙهڻ جي سهولت نه هئي ان لاءِ ماڻهو واقعن کي شاعري ذريعي بيان ڪندا هئا ۽ ان کي بعد ۾ ڳاهه جو نالو ڏنو ويو.

گيت

سومرن جي دور ۾ شروع ٿيل ذڪر ۽ سماع سهرو ڳيچ يا گيت جا سلسلا رهيا. سنڌ ۾ اصل ۾ سهرو پر ان کي ڳيچ يا گيت به چئبو جيڪي سومورن جي دور جون مقبول صنفون آهن. سومرن جي زماني ۾ جيڪو سماع ڳايو ويندو هو ان جي قسم کي گيت چيو ويندو آهي. سنڌي گيت جي پهرين شاعره مائي مرکان شيخڻ کي سڏيو ويجي ٿو. جيڪا پڻ سومرن جي دور جي شاعره هئي.

گنان

گنان اسماعيلي فرقي جي بزرگن جي مذهبي شاعري آهي، جيڪا سومرا دور ۾ سنڌ اندر شروع ٿي. اسماعيلي داعين مقامي ماڻهن ۾ تبليغ لاءِ مقامي ٻولي جو سهارو ورتو. پير صدرالدين اسماعيلي پهريون مبلغ هو جنهن جا گنان خواجڪي سنڌي ۾ لکيل آهن. گنان سنسڪرت جي لفظ گيان مان نڪتل آهي. گنان قديم سنڌي نظم جي هڪ صنف آهي. گنان جي شروع

۾ هڪ وراٹي ٽيندي آهي، جيڪا هر بند جي پوري ٽيڙ کان پوءِ ڏهرائي ويندي آهي. گنان کي سنڌي وائي ۽ ڪافي جي پاڙ پڙ چيو ويندو آهي.

رومانوي داستان

سومرا دؤر سنڌي رومانوي داستانن جي حوالي سان انتهائي اهم دؤر آهي. سنڌ جي عام مقبول قصن ۽ عشقيہ داستانن جي عنوان تي غور ڪرڻ سان معلوم ٽيندو تہ، انهن مان گهڻن جو بنياد سڌو سومرن جي دور واريءَ سرزمين ۾ لڳل نظر ايندو. سنڌ جا رومانوي قصا ۽ رزميہ داستان، هن دور جا لافاني يادگار آهن. عمر مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو ۽ دودو چنيسر، هن زماني جا اهي تمدني ۽ ادبي پهلو آهن جن کي سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ وڏو مقام حاصل آهي. سومرا دور جا رومانوي قصا اڄ جي سنڌي ادب جو وڏو سرمايو آهن، جيڪي تمثيل طور اڄ تائين پڙهيا ويندا آهن.

سمن جو دؤر (۱۳۵۱ کان ۱۵۲۴)

سمن جي دور ۾ شيخ حماد،اسحاق آهنگر،مخدوم احمد پٽي،قاضي قاضن،عيسي لنگوٽي،شيخ لاڏ جيو شاعر هئا.سمن جي دور ۾ مخدوم جعفر بوبڪائي بہ وڏو عالم هو. سمن جي دور ۾ سنڌي شاعري جي صنف ڳاهن ء عشقيہ داستان جي شروعات ٿي. سمن جي دور جو مشهور شاعر قاضي قاضن هيو هن دور جي شاعرن جو ذڪر ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيل ڪتاب تحفتہ الڪرام ۾ ملي ٿو سمن جي دور جو عشقيہ قصو نوري جام تماچي جي داستان آهي.

رومانوي داستان

هن دور جو مشهور رومانوي داستان نوري جام تماچي جو آهي، رومانوي داستان اڪثر افسانوي هوندا آهن، پر نوري ۽ جام تماچي جو قصو محض افسانو ڪونهي، بلڪ اهو هڪ نيم تاريخي داستان آهن.

هي داستان اڄ بہ سنڌي نثر توڙي شاعري ۾ وڏي اهميت رکندڙ آهي.

شاعري

سنڌي بيت جن جي شروعات سمن جي دور ۾ ٿي تن ۾ هندي ڏوهيڙي جي ڪافي اثر هيو. شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ درويش راجو سمن جي حڪومت ۾ سنڌي ۾ بيت چوندا هئا. ماموئي جا بيت، پيشن گوئي جي صورت ۾ ڇپيل آهن.

ارغون (۱۵۲۴ کان ۱۵۵۴)

ارغون دور ۾ سنڌ اندر تعليم جي لاءِ مدرسن جو هڪ وڏو جار وڇايو ويو. جنهن سبب سنڌيءَ کان وڌيڪ فارسي بولي رائج ٿيڻ لڳي. سنڌي عالم بہ بيت، ڪتاب فارسي ۾ لکڻ لڳا. ۽ ان دور ۾ سنڌ علمي ۽ ادبي حوالي سان ايران جو ڏيڪ ڏيڻ لڳي. سنڌي عالمن پاران ان وقت تمام گهڻ ادب سنڌي ۾ سرجهيو ويو. آئين اڪبري، تاريخ طاهري، تاريخ معصومي ۽ ٻيا سوين ڪتاب سنڌي عالمن فارسي ۾ لکيا. هن دور ۾ قاضي قاضن جهڙن سنڌي عالمن فارسي سان گڏ، سنڌي بيت چيا ۽ تحرير ڪيا، جيڪي بعد ۾ شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جي ڪلام سان گڏ هٽ آيا.

شاعري

ارغون دور ۾ سنڌي شاعري مٿان هندوستاني ڏوهيڙي جو اثر گهڻجي ويو ۽ فارسي جي ڪلام جو اثر مٿس حاوي ٿي ويو. سمن جي ڏينهن ۾ ايراني شعر (فارسي) جو اثر يعني بحر، قافيه ۽ تشبيهون اثر سنڌي شاعري مٿان تمام گهڻ هو. ايراني شاعر ۽ عالم ارغون دور ۾ سنڌ آيا ۽ علمِ عروض، بحر ۽ قافيه جون بندشون فارسي شعر مان سنڌي شاعري ۾ داخل ٿيون. هن دور ۾ جيڪا سنڌي شاعري هئي، ان کي ڪجهه تحريري صورت جا بنياد فرهام ڪندڙ قاضي قاضن هو. قاضي قاضن جو ديوان فارسي ۾ به آهي، پر هن جي سنڌي بيتن جو اثر شاهه عبدالڪريم بلڙي واري تي حاوي رهيو. بعد ۾ اهو اثر شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سامي تي به حاوي رهيو.

ترخان (۱۵۵۴ کان ۱۵۹۱)

شاعري

هن دور ۾ سنڌي شاعري ۾ وڏو نالو شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو آهي. شاهه صاحب پنهنجي شاعري لکڻ نه ڏيندو هو. پر سندس وفات کان ڇهه سال پوءِ ميان محمد رضا فارسي ۾ بيان العارفين نالي ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن شاهه صاحب جا ۱۰۷ بيت لکيا، جن مان ۹۶ سنڌي ۽ ۱۱ پارسي بيت شامل آهن. هن جي شاعري ۾ مثنوي رومي جو اثر ويڙل هو. پر هن ڪافي بيت الڳ انداز ۾ چيا. هن دور جي سنڌي شاعري جو اثر اڳتي هلي شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي پڻ ٿيو. جنهن جو بلڙي واري سان عقيدت جو رشتو هو.

مغل (۱۵۲۰ع کان ۱۵۹۹ع)

سنڌ تي مغل دور ۱۵۲۰ع کان به اڳ تيمور لنگ منگول کان قائم هو پر مستحڪم نه ٿيو رهيو. ترخان ۽ ارغون خود مغل سلطنت پاران صوبيدار طور مقرر هئا. ۱۵۹۹ع کان پوءِ اورنگزيب جي زماني تائين به مغل حڪمراني جو سنڌ تي اثر رهيوارغون ۽ ترخان دور ۾جاڻايل ادب مغل دور ۾ به شامل ڪيو ويندو آهي. هن دور ۾ ميون شاه عنايت رضوي نصر پوري بيت ۽ وائي جي صنفن جو تمام وڏوشاعر ٿي گذريو جنهن جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي گهرو اثر پيو.

ڪلهوڙن جو دؤر (۱۶۸۲ع کان ۱۷۸۲ع)

ڪلهوڙن جو سنڌ تي حڪمراني جو عبوري دور ۱۶۸۲ع کان ۱۷۱۸ع تائين رهيو ۽ ۱۷۱۸ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي مغل پرواني تحت باقاعده سنڌ تي حڪمراني قائم ڪئي. ڪلوڙن جو دور سنڌي ادب جو سونهري دور ڪوٺيو ويندو آهي. هن دور ۾ ۱۷۰۰ع ۾ اوائلي سنڌي لپي مخدوم ابوالحسن ٺٽوي جوڙي ۽ ڪتاب مقدم الصلوات لکيو. ٺٽي جي عالمن مخدوم ضياءُالدين ٺٽوي، مخدوم يارو عرف معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي وغيره ڪتاب لکيا جن کي سندن سِنڌي ڪوٺيو وڃي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙي عظيم شاعر جو شمار به ڪلهڙن جي دور ۾ ٿئي ٿو. ان کان علاوه مخدوم عبدالرئوف ڀٽي، سمنگ چارڻ اهم مذهبي شاعر هئا. ڪلهڙن جي دور ۾ سچل سرمست جو ڏاڏو ميان صاحب ڏنو فاروقي به ڪافي جو شاعر هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ وائي ۽ بيت عروج ماڻيو ته ڪافي، غزل، مولود، مناجات، حمد، نعت، منقبت، دوهو سورٺو جهڙيون شاعري جون صنفون رائج ٿيون.

تنقيدي ادب

سنڌي ادب ۾ تنقيد جي صنف جي شروعات ڪلهوڙا دور مان ٿيل پائنجي ٿي، جنهن ۾ قاضي قاضن، جنهن پهرين دفعي شاعري ۾ مرشد لاءِ جوڳي جو لفظ استعمال ڪيو هو ان ست تي ابو الحسن تنقيدي بيت لکيو. ان کي سنڌي ۾ پهريون تنقيدي ادب ڪوٺجي ٿو. هي بيت رهن ريت هئا:

"جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تَهان پوءِ ٿيوس، پريان سندي پيچري. (قاضي قاضن)

ٽالپرن جو دؤر (۱۷۸۲ع کان ۱۸۴۳ع)

هن دور ۾ غزل وڌيڪ ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن جي غزل جا نمونا ملیا آهن. علم عروض جي ٻين صنفن جهڙوڪ: مرثيہ، مسدس، مخمس، مثنوي، رباعي ۽ سلام جو رواج ڇيو. هن دور ۾ منظوم قصي گوئيءَ جو رواج ڇيو. ان سلسلي ۾ حفيظ تيوني جو "مومل راڻو" ۽ خليفي عبدالله جو "ليلي مجنون" شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. هن دور ۾ ڪافيءَ جي وڏي پختگي آئي ۽ منجهس دلڪشي ۽ رنگيني پيدا ٿي . ڪافيءَ کي عروج تي پهچائڻ وارو حضرت سچل سرمست آهي. سيد ثابت علي شاهہ، سامي وغيره ٽالپر دور جا اهم شاعر ليکيا وڃن ٿا. هن زماني ۾ سنڌي نثر جو بنياد ڇيو. ان کان علاوه هن دؤر ۾ شعر جي هر صنف تمام سٺي ترقي ڪئي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جيڪي نيون صنفون ايجاد ٿيون هيون، انهن ۾ بہ سنو واڌارو آيو. ڪافي تہ پنهنجي ڪمال کي پهچي وئي. هِن دؤر جي ادب کي اسين هيٺين چئن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

مذهبي شاعري

هِن قسم جي شاعري ڪرڻ وارو وڏي کان وڏو شاعر مخدوم عبدالله نرئي وارو هو. مخدوم عبدالله ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان هيٺيان ڪتاب ڪافي مشهور آهن. قصص الانبياء، ڪنزالعبرت، تنبيہ الغافلين، غزوات خلفاءِ راشدين وغيره.

صوفيانہ شاعري

هِن دور ۾ بہ باڪمال صوفيانہ شاعري ڪئي وئي. جيئن تہ هِن دؤر ۾ تمام گهڻا صوفي شاعر پيدا ٿيا، تنهن ڪري هتي صرف چند نامیارن شاعرن جو ذڪر ڪجي ٿو.

انگريزن دؤر (۱۸۴۳ کان ۱۹۴۷)

هن دؤر کي اسان هيٺين حصن ۾ ورهائي، مختصر جائزو وٺون ٿا. صورتخطيءَ جو ٺهڻ، سنڌي نثر، سنڌي نظم، صورتخطيءَ جو ٺهڻ، انگريز ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ ۾ آيا ۽ ڏهن سالن ۾ سنڌي الف _ ب ٺاهي . يعني ۱۸۵۳ع کان انگريزن "باب نامي" جي ناليسان هڪ ٻاراڻو ڪتاب شايع ڪرائي نئين سنڌي ادب جو بنياد وڌو.

انگريزن فارسي زبان جي جاءِ تي سنڌيءَ کي سرڪاري زبان جو درجو ڏنو. سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس جي نگرانيءَ ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي. جنهن عربي الف _ ب ۾ ٽپڪن جو اضافو ڪيو ۽ هيٺيان خالص سنڌي اکر ٺهيا: ٻ، ڀ، ٽ، ٿ، ڦ، ڳ، ڪ، ڏ، ڍ، ڇ، ڃ، ڄ، جهہ، گهہ.

سنڌي الف _ ب لاءِ عربي خطِ نسخ رائج ڪيو ويو. سنڌي صورتخطي ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي.

سنڌي نثري

ادب جي باقاعده شروعات انگريزن جي دؤر ۾ صورتخطيءَ ٺهڻ کان پوءِ ٿي. نثر کي موضوع جي لحاظ کان ورهائي. مختصر جائزو ونون ٿا: افسانو يا ڪهاڻي، ناول، ڊراما، متفرقہ نثر نويسي، سنڌي نظم

انگريزي دؤر جي شاعريءَ کي عالمن ٻن حصن ۾ ورهايو آهي.

غير عروضي شاعري، عروضي شاعري

(پروفيسر ذڪيہ شاهنواز تالپر)

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪريو تہ جديد دور جي مطابق ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪلاس جي شاگردن کي مستقبل بابت پنهنجي خيالن جو اظهار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
- اسڪول جي لائبريري يا گوگل تان تلاش ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بہ مشهور ڏهن اديبن ۽ ڏهن شاعرن جا نالا پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي اچو.
- سنڌي ادب جي دورن جو جائزو ونندي هر دور جي اديبن ۽ شاعرن جا ڏه ڏه نالا لکو ۽ اهي هڪ چارٽ تي لکي ڪلاس جي سافٽ بورڊ تي لڳايو.

سبق چوڀهون

ٻڌايون سُڪ جو ڪو سنسار

سکيا جي حاصلات:

- عملي زندگيءَ ۾ مثبت سماجي رويّن جو اظهار ڪري سگهي.
- مختلف طريقن سان لائق ٻارن جي حقن کي ڄاڻي ۽ احترام ڪري سگهي.
- ٻارن جي حقن ۽ انهن جي بچاءَ بابت ڄاڻي سگهي.
- عورتن جي حقن ۽ صنفي برابريءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- انساني حقن جي بچاءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٨، صفحو نمبر ٩٤ – ٩٥
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا. غلطيءَ جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن سارهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهندا، انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا، اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟
٢. هي نظم شاعريءَ جي حوالي سان ڪهڙي صنف آهي؟
٣. هن نظم جو مرڪزي خيال لکو.

شاعر جو تعارف

سنڌي ٻوليءَ جو نالیوارو مزاحمتي شاعر عبدالڪريم گدائي ولد بجار خان لاشاري، پهرين جنوري ١٩٠١ع تي ڳوٺ ڪريم آباد تعلقي ٽل، ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو. گدائيءَ جي تعليم سنڌي فائنل هئي. جڏهن شاعري شروع ڪيائين تہ پنهنجي لاءِ تخلص " گدائي" جو انتخاب ڪيائين. گدائي جي شاعري سنڌ سان پيار ۽ انسيت جو مظهر آهي. سندس نالو سنڌ جي ترقي پسند شاعرن جي فهرست ۾ ڳڻيو ويجي ٿو. سندس مشهور تصنيفون، "خان ڳڙهه کان جيڪب آباد تائين"، "پيماني تي پيمانو"، "ساٺيهه جا سور"، "پکڙا ۽ پنهوار" شامل آهن، ان کان علاوه ڪيئي فيچر، ڪهاڻيون ۽ اسٽيج ڊراما پڻ لکيل آهن. زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ مٿس فالج جو حملو ٿيو. جنهن سبب ٢٨ جنوري ١٩٧٨ع تي وفات ڪئي. سندس ڪيترائي نظم اڄ بہ درسي نصاب ۾ شامل آهن.

حل ٿيل مشق

(الف)هيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

١. حقارت
٢. سپ ارڏايون
٣. جنگ ۽ فساد
٤. زهر سندي پرچار،
٥. ڊونگ اجايا

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم جي شاعر جو نالو عبدالڪريم "گدائي" آهي.
٢. "ٻڌايون سُک جو ڪو سنسار" جو مطلب آهي تہ هڪ اهڙي دنيا ناهيون، جتي پيار، امن، محبت ۽ پائيچارو هجي ۽ زندگي سڪون سان گذري.
٣. هن شعر ۾ شاعر جو مقصد اهو آهي تہ اسان سيني پاڻ ۾ نفرت، بغض، حسد ۽ ساڙڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ايتري اهميت ڇا لاءِ ڏني آهي. جڏهن تہ اسان جو مذهب اسلام اسان کي پيار، محبت ۽ امن سان زندگي گذارڻ جو

درس ڏئي ٿو. اسان کي گهرجي ته اسين هڪ اهڙو معاشرو ٻڌايون جنهن ۾ سڀئي پيار، محبت ۽ امن واري زندگي گذاريون.

۴. هن شعر ۾ شاعر اسان کي نصيحت ڪندي چوي ٿو ته اسان پاڻ ۾ جيڪي رنگ ۽ نسل جا فرق پيدا ڪيا آهن، اهي سڀ انسانن پنهنجي مفادن لاءِ ٺاهيا آهن، پنهنجي پيٽ پالڻ جا طريقا ٻڌايا آهن. امير هجي يا غريب ، گورو هجي يا ڪارو سپني جو پالڻهار هڪ الله آهي اسان کي پاڻ هڪ ٻئي سان پيار، محبت، اخلاق ۽ هڪجهڙائيءَ وارو رَوَيو اختيار ڪرڻ گهرجي.

5. حوالو : هي گيت (وائي) اسان جي سنڌي درسي ڪتاب جي نظم واري حصي مان ورتو ويو آهي، هن وائي جو نالو "ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار" آهي ۽ هن گيت جي لکندڙ شاعر جو نالو عبدالڪريم آهي ۽ "گدائي" سندس تخلص آهي. عبدالڪريم گدائي سنڌ مضمون نويس ۽ شاعر به هو. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا ڇپيل آهن.

مرڪزي خيال

هن نظم ذريعي شاعر اسان کي اهو پيغام ٿو ڏئي ته اسين مسلمان آهيون، اسان جو مذهب اسلام آهي، اسلام اسان کي پيار، امن، پائيچاري، ٻڌي ۽ محبت سان گڏ رهڻ جي تلقين ڪري ٿو نه صرف پاڻ ۾ بلڪ دنيا جي ٻين مذهبن سان به سهڻو سلوڪ ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اسان مسلمانن پنهنجي دلين ۾ نفرتون ويهاري ڇڏيون آهن. جڏهن ته اسين ڄاڻون ٿا ته اسان کي پيدا ڪرڻ وارو ۽ رزق عطا ڪرڻ وارو هڪ الله آهي. پوءِ به دنيا ۾ هر طرف نفرت، حسد ۽ رنگ، نسل جي فرق جي ڪري انسان انسان کي بي دردي‌ءَ سان قتل ڪري رهيو آهي. اسان کي گهرجي ته اسين انهن نفرتن کي ختم ڪري پيار، امن، محبت ۽ پائيچارو قائم ڪيون ۽ دنيا کي ٻڌايون ته اسان جو مذهب اسلام هر هڪ سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ جو سبق ٿو سيکاري. اسين اها ڀالهه ان صورت ۾ ئي واضع ڪري سگهون ٿا جڏهن اسين ان تي عمل ڪندا سين.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
چوڌاري	اردگرد	هر ملڪ جي چوڌاري هڪ باربر(حد) نهيل هوندو آهي.
ڪِينو	بغض	ڪنهن جي لاءِ به دل ۾ ڪِينو نه رکڻ گهرجي.
ارڏايون	فرق/ نفرتيں	اسان کي رنگ ۽ نسل جون ارڏايون ختم ڪرڻ گهرجن.
سانگ	ذريعه/ اناج	الله جي ذات پيٽ بکئي لاءِ سانگ ٻڌايا آهن.
ڍونگ	بهانه	ڪوڙو انسان هر جاءِ تي ڍونگ ڪندو رهندو آهي.
سنسار	دنيا	هي سنسار فاني آهي.

